REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) جمع 26 جنوري 2024ع بمطابق 14 رجب المرجب 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 241

سنڌ حڪومت، چونڊن لاءِ سڪيورٽي ۽ ٻين انتظامن کان مطمئن آهن: وڏو وزير

105000 اهلڪار موجود آهن ۽ 4000 پوليس اهلڪارن جي کوٽ آهي جنهن کي اينٽي انڪروچمينٽ فورس، ايڪسائيز پوليس، اينٽي ڪرپشن سول ڊفينس، فرنٽيئر ڪانسٽيبلري ذريعي پورو ڪيو ويندو

پوليس کان علاوه 10 هزار رينجرز ۽ 14 هزار پاڪ فوج جا جوان به اليڪشن ڊيوٽي سرانجام ڏيندا. اليڪشن ڪميشن پوليس اهلڪارن کي ماسٽر ٽرينرز طور تربيت ڏني آهي ۽ اهيئين اهلڪارن کي تربيت ڏيندا

گذريل چونڊن دوران جن ضلعن ۾ ڇڪتاڻ هئي انهن ضلعن کي حساس قرار ڏنو ويو آهي جتي چونڊن واري ڏينهن صورتحال معمول تي رکڻ لاءِ ضروري قدم کنيا ويا آهن

لڳ ڀڳ سمورن اسڪولن جي عمارتن جي مرمت ٿي چڪي آهي ۽ ضروري سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. چيف سيڪريٽري کي حڪم ڏنو ويو آهي ته هو سمورن ڪمشنرن کان اسڪولن جي مرمت لاءِ سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري

چونڊ عملي کي فراهم ڪيل گاڏيون سٺي حالت ۾ آهن. هن چيو ته اسان سمورن پولنگ اسٽيشنن تي بجلي، ٽرانسپورٽ، مناسب سڪيورٽي، پاڻي، صفائي سترائي ۽ ٻين سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائينداسين

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي ته عام چونڊون 8 فيبروري 2024 تي ٿينديون جنهن جو مقصد قومي اسيمبليءَ لاءِ 61 ۽ صوبائي اسيمبليءَ لاءِ 130 ميمبرن جي چونڊ ڪرڻ آهي ۽ چونڊن جي شفاف، منصفاڻي ۽ آزادانه انعقاد لاءِ 133000 پوليس اهلڪارن، رينجرز ۽ پاڪ فوج جي جوانن تي ٻڌل سڪيورٽي فورس مقرر ڪئي وېندي. سنڌ جي نگران حڪومت صوبي ۾ آزاد، منصفاڻي ۽ شفاف چونڊون ڪرائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي. هن اها ڳالهه اڄ هتي وزيراعليٰ هائوس ۾ اينڊڙ عام چونڊن جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ منعقد ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

اليڪشن ڪميشن ڊاڪٽر فهميدا مرزا کي جي ڊي اي جو چونڊ نشان الاٽ ڪرڻ کان معذرت ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) اليڪشن ڪميشن ڊاڪٽر فهميدا مرزا کي جي ڊي اي جو چونڊ نشان الاٽ ڪرڻ کان معذرت ڪري ڇڏي. اليڪشن ڪميشن طرفان فارم 33 ۾ فهميده مرزا جو نالو آزاد اميدوار طور شامل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن پاران جاري ڪيل حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ته حسام مرزا اڃا تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

شينهن گهرويهي چاهي ٿو ته پيا مون لاءِ شڪار ڪن: بلاول ڀٽو زرداري

اسان جا مخالف گهرن مان ئي نه پيا نڪرن، ڪو ته سبب آهي جو شينهن شڪار لاءِ نه پيو نڪري، شينهن چئي رهيو آهي ته منهنجي لاءِ ٻيو ڪو شڪار ڪري، سڀ ڪجهه تيار ٿئي ته بادشاهه اچي وڃي

اهو شينهن عوام جو رت چوسيندو آهي، چوٿون ڀيرو وزيراعظم بڻجڻ جي خواهش رکندڙ چئي ٿو ته اجا منشور تيار ٿي رهيو آهي، اقتدار ۾ اچي 10 نڪاتي ايجنڊا تي عمل ڪنداسين

اها ساڳي ضياءُ الحق واري پراڻي جماعت آهي، نواز شريف هارائڻ ڪانپوءِ واپس لنڊن هليو ويندو، جيڪي چوندا هئا پنجاب ۾ پ پ موجود ناهي اهي ڏسي ڇڏين

پنجاب جي جيالن هن مهم ۾ ڪمال ڪيو آهي، مان ان محبت تي اوهان جو ٿورائتو آهيان. جيڪڏهن ڪو چونڊ مهم ۾ سنجيده آهي ته اهي اسان جا جيالا آهن. اسان سڄي ملڪ ۾ چونڊ مهم هلائي رهيا آهيون

3 ڀيرا وزيراعظم رهندڙ پنهنجي علاج لاءِ صوبي ۾ اسپتال به نه ناهي سگهيو، نواز ليگ ۽ پي ٽي آءِ جا ڪارڪن مون کي ووٽ ڏين جيئن ٻاهران علاج ڪرائيندڙن جي لاءِ پنجاب ۾ اسپتال ٺاهي سگهان

گجرات (م ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اسان جا مخالف گهرن مان ئي نه پيا نڪرن، شينهن شڪار لاءِ چو نه پيو نڪري؟ ڪو ته سبب آهي. گجرات ۾ جلسي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته توهان ڪڏهن انهن کي ايترو خوفزده ڏٺو آهي؟ اسان جا مخالف گهرن مان ئي نه پيا نڪرن، ڪو ته سبب آهي جو شينهن شڪار لاءِ نه پيو نڪري، شينهن چئي رهيو آهي ته منهنجي لاءِ ٻيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

گجرات: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي

ملڪ پارلياماني جمهوري نظام تي هلندو ۽ ان تي سڀني جو اتفاق آهي: مرتضيٰ سولنگي

اليڪشن ڪميشن ضابطا جاري ڪيا آهن، ميڊيا اليڪشن ڪميشن جي ضابطن کان ضرور آگاهه هجي

چونڊن بابت بي بنياد پروپيگنڊا ڪئي پئي وئي، 8 فيبروري تي چونڊن بابت ڪيترن ئي ماڻهن آڱرين کنيون

پارلياماني نظام ۾ قانون سازي سان بهتري آڻي سگهجي ٿي، عوام وٽ اختيار هجڻ گهرجي ته اهي پنهنجي چونڊيل نمائندن کي جوابده بڻائين

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان گلگت بلتستان جو وفد ملاقات ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) اطلاعات بابت نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته ملڪ وفاقي پارلياماني جمهوري نظام تي هلندو ۽ ان تي سڀني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد جا ايم پي او آرڊر جاري ڪرڻ جا اختيار عارضي طور تي بحال

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد جي ايم پي او آرڊر جاري ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪئنيڊا ۽ آمريڪا جيان ڀارتي ايجنٽ پاڪستان ۾ به شهرين جي قتل ۾ ملوث نڪتا

گذريل سال پاڪستاني شهري شاهد لطيف کي سيالڪوٽ ۾ مسجد ٻاهران قتل ڪيو ويو هو، شاهد لطيف جي قتل ۾ ڀارتي ايجنٽ ملوث آهن

ڀارتي ايجنٽ شاهد لطيف جي قتل جو اعتراف ڪيو آهي. شاهد لطيف کي قتل ڪرڻ لاءِ مقامي ماڻهن جون خدمتون ورتيون ويون

گذريل سال پاڪستاني شهري محمد رياض کي به راولاڪوٽ ۾ اجتري قاتل ذريعي مسجد ۾ قتل ڪيو ويو هو: پريس بريفنگ

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ ۾ پاڪستاني شهرين جي قتل ۾ ڀارتي ايجنٽن جي ملوث هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. اسلام آباد ۾ پريس بريفنگ دوران پرڏيهي سيڪريٽري سائرس سجاد قاضي ٻڌايو ته گذريل سال پاڪستاني شهري شاهد لطيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

مريم نواز جو پ پ تي حملو، 15 سال حڪومت ڪندڙ 15 منصوبا ٻڌائين: ن ليگ اڳواڻ

نواز شريف جا 1500 منصوبا ٻڌائي سگهان ٿي، پنجاب جي عوام کي نواز شريف تي تنقيد برداشت ناهي

ن ليگ ڪانسواءِ سڀ جماعتون اهڙيون آهن، جن ڪجهه نه ڪيو. ٻيون جماعتون رات ڏينهن تنقيد ڪنديون آهن ۽ الزام هڻنديون آهن

منهنجو وس پڄي ته تڪ جو هر در ڪڙڪائي پڇان ته ڪهڙا مسئلا آهن. اسان هي ملڪ ڇڏي نه رينداسين: ڪارڪنن کي خطاب

لاهور (م ڊ) ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز نالو کڻڻ بنا بلاول ڀٽو زرداري کي جواب ڏنو آهي ته پنجاب ۾ اينڊڙ ڪجهه جماعتون اهڙيون آهن. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاهور: نواز ليگ جي نائب صدر مريم نواز ڪارڪنن کي خطاب ڪندي

صنم جاويد عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف جي اميدوار صنم جاويد عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ سپريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسان جي حڪومت ۾ ڪو سياسي قيدي نه هو: شهباز شريف

جڏهن نواز شريف کي توهان 2013 ۾ اڪثريت ڏني ته ڊرٽو شروع ٿي ويو

هڪ سياستدان کي صلاح آهي ته ذاتي جيلن جي خاتمي جو به اعلان ڪري

منڊي بهاوالدين (م ڊ) ن ليگ صدر شهباز شريف چيو آهي ته 2013 کان 2018 تائين اسان جي حڪومت ۾ ڪو سياسي قيدي نه هو منڊي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

شيخ رشيد جي اڊيالا جيل ۾ طبيعت خراب، اسپتال منتقل

راولپنڊي انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيالوجي ۾ طبي معائنو ڪيو ويندو

ڊاڪٽرن جي مشوري کان پوءِ ئي ڪيس جيل منتقل ڪرڻ جو فيصلو ٿيندو

راولپنڊي (م ڊ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه ۽ اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد جي اڊيالا جيل ۾ طبيعت خراب ٿي وئي آهي. اڳوڻي گهرو وزير شيخ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي ۾ ٽي ٽي پي جو وڏو نيٽ ورڪ بي نقاب، ڪمانڊر سميت 17 دهشتگرد گرفتار

گرفتار ٿيل دهشتگرد 2007 کان 2014 تائين ٽي ٽي پي نيٽ ورڪ جو حصو هو: سڪيورٽي ذريعا

دهشتگرد ڪراچي ۾ دهشتگردي جي ڪاروائين جي منصوبه بندي ڪري رهيا هئا. انٽيليجنس ايجنسيز جي ڪاروائي ۾ گرفتار ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) سڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڪراچي ۾ تحريڪ طالبان پاڪستان تي ٽي پي جي دهشتگردن جو وڏو نيٽ ورڪ بي نقاب ڪندي ڪمانڊر سميت 17 دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. سڪيورٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسان ڪنهن به صورت ۾ بلاول جي مدد نه ڪنداسين: عمران خان

بلاول مدد انهن کان گهري، جن سان گڏجي حڪومت ڪيائين. اهي اڄ هڪٻئي جا مخالف ٿي ويا آهن پر اندران هڪ ئي آهن

ڀيرئين ڏينهن کان چئي رهيو آهيان ته صاف شفاف چونڊون ڪرايون وڃن. عوام جنهن کي چاهي ان کي آڻي

راولپنڊي (م ڊ) پي ٽي آءِ باني عمران خان چيو آهي ته اسان ڪنهن به صورت ۾ بلاول ڀٽو زرداري جي مدد نه ڪنداسين. عدالتي ڪمري ۾ ڪيس جي ٻڌڻي کانپوءِ صحافين سان غير رسمي گفتگو ڪندي عمران خان چيو ته مان ڀيرئين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پيپلزپارٽي ڪرپشن کان پاڪ ۽ شهيدن جي پارٽي آهي، عوام ڪامياب ڪري: خورشيد شاهه

عوام پاڪستان پيپلزپارٽي جي اميدوارن جا هٿ مضبوط ڪري، اسين ڪامياب ٿي عوام جي خدمت ڪنداسين

شهيد ڀٽي ڊرائينگ رومن جي سياست ختم ڪري روڊن گلين ۾ آندي ۽ عوام کي آواز ڏنو ۽ ووٽ جي اهميت ظاهر ڪئي

ملڪ ۾ جيڪڏهن شفاف اليڪشن ٿي ته پ پ وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندي ۽ بلاول وزيراعظم ٿيندو

سلطانپور: چونڊ مهم دوران پ پ اڳواڻ خورشيد شاهه جي آجيان ڪئي پئي وڃي

سلطانپور (رپورٽر) اليڪشن 2024، پيپلز پارٽي طرفان اين اي 201 سکر تڪ تي ورڪ نيز مختلف علائقن ۾ پيپلزپارٽي جي اميدوارن جي مان ۾ مختلف علائقن ۾ گڏجاڻيون ٿيون يوسي نارو همٿر ۾ ڪارنر گڏجاڻي کي تفصيل موجب سيد خورشيد احمد شاهه خطاب ڪندي چيو ته عوامي مسئلن جو حل صرف پيپلزپارٽي وٽ آهي جيڪا ڪرپشن کان پاڪ ۽ شهيدن جي پارٽي آهي، عوام پاڪستان پيپلزپارٽي جي اميدوارن جا هٿ مضبوط ڪري انهن کي ووٽ جي طاقت سان ڪامياب ڪري اسين ڪامياب ٿي عوام جي خدمت ڪنداسين پ پ اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه چيو ته شهيد ڀٽي ڊرائينگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي ۽ وفاقي گهرو وزير گوهر اعجاز جي ملاقات

ٻنهي اڳواڻن 8 فيبروري جي عام چونڊن جي تيارين جو جائزو ورتو

ملاقات ۾ چونڊن دوران ميڊيا جي ذميوارين بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ٿي

اسلام آباد (م ڊ) اطلاعات، نشريات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي ۽ نگران وفاقي گهرو وزير ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

دڪاندارن تي ٽيڪس لاءِ اسڪيم تيار، ماهوار وصولي ٿيندي

چونڊن کان اڳ واپارين لاءِ ريٽيلر اسڪيم متعارف ڪرائي ويندي: ايف بي آر

ٽيڪس نيٽ کان ٻاهر واپارين کي دوست ايپ ذريعي رجسٽرڊ ڪيو ويندو

اسلام آباد (م ڊ) ايف بي آر سڄي ملڪ ۾ دڪاندارن تي ٽيڪس لڳائڻ لاءِ اسڪيم تيار ڪري ورتي ۽ رجسٽريشن لاءِ "تاجر دوست" موبائل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ايس پي ايل ۾ سنڌي ڪرڪيٽرز کي نه کيڏائڻ بابت درخواست رد

سنڌ سرڪار جو سنڌ پريميئر ليگ سان ڪو واسطو نه آهي: اي اي جي

هر ٽيم ۾ 18 رانديگرن مان 5 رانديگر سنڌ جي ڊومِسائل تي کيڏي رهيا آهن: ايس پي ايل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ پريميئر ليگ (ايس پي ايل) خلاف درخواست رد ڪري ڇڏي. هاءِ ڪورٽ ۾ سنڌ پريميئر ليگ خلاف درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: نگران صوبائي وزير محمد احمد شاهه تقريب کي خطاب ڪندي

اهڙي سياست سان اتفاق نٿو ڪريان، جتي اڄ نواز ليگ بيٺل آهي: شاهد خاقان

ملڪي تاريخ جون تڪراري چونڊون ٿي رهيون آهن جتي تڪراري چونڊون ٿينديون اهو ملڪ اڳيان نٿو وڌي سگهي

اهڙيون چونڊون جيڪي ملڪ کي انتشار ڏين ان جو حصو نٿو ٿي سگهان اهڙي معاملي ۾ مان مطمئن آهيان

چونڊن جي پرواهه نه هوندي ته ملڪ ترقي نه ڪندو. نيب ۽ اينٽي ڪرپشن ملڪ جا ڪرپٽ ترين ادارا بڻجي چڪا آهن

راولپنڊي (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم ۽ مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته ملڪي تاريخ جون تڪراري چونڊون ٿي رهيون آهن جتي تڪراري چونڊون ٿينديون اهو ملڪ اڳيان نٿو وڌي سگهي. ٽئي وڏيون پارٽيون ناڪام ٿي چڪيون آهن. مان اهڙي سياسي ڪان اتفاق نٿو ڪريان جتي اڄ (ن) ليگ بيٺل آهي. اينٽي ڪرپشن راولپنڊي اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي جي ڪوآرڊينيٽر حافظ عثمان کي روڊن جي منصوبن ۾ مبينه ڪرپشن جي انڪوائري لاءِ طلب ڪيو ته شاهد خاقان عباسي به ٻين ڪارڪنن سان گڏ اينٽي ڪرپشن ڊائريڪٽوريٽ پهچي ويو اينٽي ڪرپشن راولپنڊي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ سان جمعه گروپ جو وفد ملاقات ڪندي

سراج الحق سنڌ جي دوري تي ڪراچي پهتو، اڄ حيدرآباد ۽ ٽنڊو آدم ۾ چونڊ جلسي کي خطاب ڪندو

صاف شفاف چونڊون ئي ملڪ جي معاشي ۽ سياسي بحرانن سميت سڀني مسئلن جو حل آهن: سراج الحق

پارٽيون اقتدار تائين پهچڻ لاءِ اسٽيبلشمنٽ جو سهارو وٺڻ بدران جمهوريت ۽ عوامي طاقت کي بنياد بڻائي اڳتي وڌن

عوام هن ڀيري موقعو ڏنو ته ملڪ ۽ قوم جي تقدير حقيقي طرح سان تبديل ڪري ڏيکارينداسين

ڪراچي (رپورٽر) امير جماعت اسلامي سراج الحق سنڌ جي ٽن ڏينهن جي دوري تي ڪراچي پهچي ويو جتي سندس جماعت اسلامي جي مقامي اڳواڻن استقبال ڪيو. صوبائي ترجمان مجاهد چنا موجب هو 26 جنوري اڄ جمعي تي منجهند /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

سنڌ جون معدنيات استعمال نه ڪري اسان وڏي بي وقوفي ڪئي آهي: خدا بخش مري

صوبي جا معدني وسيلا استعمال ڪري اسان سعودي عرب کان به وڌيڪ ترقي يافته بڻجي سگهون ٿا

ٿارت سيمي ڪنڊڪٽر ٺاهڻ ناهي رهيو آهي، سيمي ڪنڊڪٽر ٺاهڻ واري معدنيات به اسان وٽ موجود آهي پر اسان نه پيا ٺاهيون

سريو، گاڏيون ۽ دفاعي سامان تيار ڪرڻ واري شين ۾ استعمال ٿيندڙ معدنيات به اسان وٽ موجود آهي: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي معدنيات واري نگران وزير خدا بخش مري چيو آهي ته سنڌ جون معدنيات استعمال نه ڪري اسان وڏي بي وقوفي ڪئي آهي، سنڌ جا معدني وسيلا استعمال ڪري اسان سعودي عرب کان به وڌيڪ ترقي يافته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ذهني بيمارين ۾ مبتلا ماڻهو جي ذهني صحت تي ڌيان ڏيڻ گهرجي: ڊاڪٽر سيد عبدالرحمان

اهڙين بيمارين جو علاج ڪرايو وڃي ته اهو پنهنجي گهر توڙي سماج جو ڪارآمد شهري بڻجي سگهي ٿو

دماغ ۾ ڪيميائي تبديلين ۽ موروثي اثرات جي ڪري ذهني بيماريون جنم وٺن ٿيون: ذهني بيمارين جو ماهر

ڪراچي (رپورٽر) ذهني بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر سيد عبدالرحمان چيو آهي ته جيڪڏهن ذهني بيمارين ۾ مبتلا ماڻهو جي ذهني صحت تي ڌيان ڏنو وڃي ۽ علاج ڪرايو وڃي ته اهو پنهنجي گهر توڙي سماج جو ڪارآمد شهري بڻجي سگهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

عوام جعلي واٽس ايپ ڪالز کان هوشيار رهي: اليڪشن ڪميشن

جعلي ڪالز اچڻ تي چيف اليڪشن ڪمشنر جي اسٽاف آفيسر سان لينڊ لائن تي رابطو ڪيو

ڊي آر اوز ۽ آر اوز به اهڙي قسم جي ڪنهن ڪال يا پيغام تي عمل نه ڪن

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن جي ترجمان عوام کي جعلي واٽس ايپ ڪالز کان خبردار ڪندي چيو آهي ته جعلي ڪالز اچڻ تي چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

لاهور هڪ ڀيرو ٻيهر لاڙڪاڻي جيان پيپلزپارٽي جو ڳڙهه بڻجي رهيو آهي: شيري رحمان

پنجاب جا ماڻهو روايتي سياست ۽ پارٽين کان تنگ اچي چڪا آهن. پنجاب جا ماڻهو نفرت، ورهاست ۽ ڏاڍ جي نه تعميري سياست چاهن ٿا

ماڻهن کي الزام بازي ۽ ماضي جي سياست ۾ هاڻي ڪا به دلچسپي ناهي، عوام سنجيده سياست ۽ نئين قيادت طرف ڏسي رهيو آهي

لاهور (م ڊ) پ پ سينيٽر شيري رحمان چيو آهي ته پنجاب خاص طور لاهور ۾ بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصف ڀٽو زرداري جي آجيان ساراهه جوڳي آهي. لاهور هڪ ڀيرو ٻيهر لاڙڪاڻي جيان پيپلزپارٽي جو ڳڙهه بڻجي رهيو آهي. پنجاب جا ماڻهو روايتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

قاضي احمد: يونيورسٽي جي پوائنٽ بس ۽ وين ۾ ٽڪر، 3 ڄڻا فوت، 20 زخمي

ڳوٺ سوائي راهوڻ ڪوهيڙي سبب شهيد بينظير يونيورسٽي جي پوائنٽ بس ۽ مسافر وين ۾ زوردار ٽڪر

زوردار ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ شاگرد شاگرديائين ۽ وين جي مسافرن سميت 20 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا

قاضي احمد اسپتال ۾ ڊيوٽي تي مقرر ڊاڪٽر نه هجڻ ڪري زخمي اسپتال ۾ علاج لاءِ تڙپندا رهيا، اسپتال منتقل

قاضي احمد (رپورٽر) قاضي احمد کان نواب شاهه وينڊز لنڪ روڊ تي ڳوٺ سوائي راهو وٽ ڪوهيڙي سبب ڏنڊ هجڻ جي نتيجي ۾ شهيد بينظير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

توشا خانا ڪيس: عمران خان لطيف کوسي کي هٽائي نئون وڪيل مقرر ڪري ڇڏيو

راولپنڊي (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني عمران خان توشا خانا ڪيس ۾ پنهنجي وڪيلن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد نگران وفاقي گهرو وزير گوهر اعجاز سان قزاقستان جو سفير ملاقات ڪندي

آل ايجوڪيشن لوئر اسٽاف جا پروموشن رد ڪرڻ خلاف ملازمن جو احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

30 سالن کان پوءِ 1 کان 4 جي 397 ملازمن کي پروموشن ڏيڻ بعد اڄ نگران وڏي وزير پاران رد ڪيا ويا آهن: اڳواڻ

سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن پنهنجي جوڙيل اسڪروٽني ڪميٽي جي ڏنل رپورٽ کي اڄ ٻاڻ ئي رد ڪري ڇڏيو

ڪيترائي ملازم ڪيترائي سال نوڪري ڪرڻ باوجود ساڳي گريڊ ۾ رٽائر ٿيڻ وارا آهن ڪين پروموشن نه ٿا ڏنا وڃن

ڪراچي: لوئر اسٽاف جا ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) آل ايجوڪيشن لوئر اسٽاف ڪراچي ريجن 30 سالن بعد مليل پروموشن رد ڪرڻ خلاف ڪراچي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

حوثين جا بحيره احمر ۾ سامونڊي جهازن تي ميزائل فائر، حملو ناڪام بڻايو ويو: آمريڪي ڪمانڊر

يمن جي حوثين بحيره احمر ۾ ٽن سامونڊي جهازن تي ميزائل فائر ڪيا آهن. پرڏيهي ميڊيا موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ وري واڌ جو امڪان

ايندڙ فيبروري تي اڳهن ۾ ست رپيا واڌ جو امڪان آهي: ذريعا

قطعي فيصلو اوگرا جي تجويز ڪانپوءِ ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) اٽ فيبروريءَ تي ملڪ ۾ رٽيل عام چونڊن کان اڳ ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي اڳهن ۾ واڌ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

تربت ۾ اليڪشن ڪميش آفيس تي حملو، پوليس اهلڪار مارجي ويو

ريجنل آفيس جي احاطي ۾ دستي بم حملي ۽ فائرنگ جي نتيجي ۾ پوليس اهلڪار مارجي ويو

اڻڄاتل جوابدارن آفيس اندر دستي بم ڦٽو ڪيو ۽ فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا. جوابدارن جي ڳولا جاري آهي: پوليس

ڪوئيٽا (م ڊ) تربت ۾ اليڪشن ڪميشن جي ريجنل آفيس جي احاطي ۾ دستي بم حملي ۽ فائرنگ جي نتيجي ۾ پوليس اهلڪار مارجي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

نواز ليگ ۾ هئس ۽ رهندس، پي ٽي آءِ جي ڪنوينشن ۾ ضرور شرڪت ڪندس: جاويد هاشمي

چاپي کان اڳ شايد پي ٽي آءِ ورڪرز ڪنوينشن ۾ شرڪت نه ڪريان ها پر هاڻ ضرور ويندس

تحريڪ انصاف هاڻ ان ڳالهه تي اچي وئي آهي جنهن جو مان هميشه چوندو رهيو آهيان

ملتان (م ڊ) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ۽ سينئر سياستدان جاويد هاشمي چيو آهي ته مان مسلم ليگ ۾ هئس ۽ رهندس، پاڪستان تحريڪ انصاف جي ورڪرز ڪنوينشن جون تياريون جاويد هاشمي جي گهر جاري آهن. ان حوالي سان نجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

عدليا جي نگراني ۾ چونڊون ڪرائڻ لاءِ داخل درخواست خارج

پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس اعجاز انور ۽ جسٽس شڪيل احمد درخواست تي محفوظ فيصلو ٻڌايو

درخواست تحريڪ انصاف جي مرڪزي ترجمان معظم بٽ ايڊووڪيٽ داخل ڪرائي هئي

پشاور (م ڊ) پشاور هاءِ ڪورٽ تحريڪ انصاف طرفان عدليا جي نگراني ۾ چونڊون ڪرائڻ لاءِ داخل درخواست خارج ڪري ڇڏي. پشاور هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

موسميات کاتي پاران ملڪ جي مختلف علائقن ۾ برسات ۽ برفباري جا امڪان ظاهر

آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ برسات ٿيندي، مختلف علائقن ۾ موسم وڌيڪ ٿڌو رهڻ جو امڪان آهي: موسميات کاتو

سنڌ صوبي ۾ برسات جو ڪو به امڪان نه آهي، هوا جي رخ ۽ رفتار ۾ تبديلي سبب پنجاب ۾ ڪوهيڙي جي شدت ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي: جواد ميمڻ

اسلام آباد (م ڊ) موسميات کاتي متاثهين خيبرپختونخواهه جي مختلف علائقن ۾ برسات جا امڪان ظاهر ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته گلگت بلتستان جي ڪجهه علائقن ۾ برفباري جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. آزاد ڪشمير ۽ گلگت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڊي اي او پرائمري نظام الدين ٽنڊو نظام الدين ڪڏائي پاران اسڪولن جو اوچتو دورو

سرڪاري پرائمري اسڪول تاج محمد عباسي جو اوچتو دورو ڪري سهولتن جو جائزو

نظام الدين اسڪول جي هيڊ ماستر تاج محمد عباسي ۽ سندس اسٽاف جي تعريف ڪئي

ٽنڊو (جاويد لطيف ميمڻ) ڊي اي او پرائمري نظام الدين ٽنڊو نظام الدين ڪڏائي جو اسڪولن جو اوچتو دورو. ڊي اي او پرائمري جو سرڪاري پرائمري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

بدقسمتي سان ڪوڙن ٽڳن جي حڪومت رهي جن عوام لاءِ ڪجھ ناهي ڪيو: حافظ عبدالقيوم

اهڙن ماڻهن جي حڪمراني رهي آهي جيڪي عوام جي زندگين ۾ ڪي به تبديليون آڻي نه سگهيا آهن

اليڪشن ۾ عوام ڪي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي ته انهن ڪي سمجهڻ گهرجي ته ڪهڙو نمائندو مسئلا حل ڪندو

خبر نه ٿي پوي ته پيپلزپارٽي ڪهڙي منهن سان ڪوڙيون دعوائون پئي ڪري هن ڇيو ته عوام سجاڳ ٿي چڪو آهي

ڪراچي (باغي ساگر ڀهنوار) ڪراچي ايسٽ پريس ڪلب ۾ ضلعي اوير جي قومي ٽڪ تي پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ جي اميدوار فيصل نديم پي ايس 98 تي حافظ عبدالقيوم سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ملڪ تي بدقسمتي سان اهڙن ڪوڙن ٽڳن ماڻهن جي حڪمراني رهي آهي جيڪي ملڪ جي عوام جي زندگين ۾ ڪي به تبديليون آڻي نه سگهيا آهن ناهل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

متياري پي ايس 57 اميدوار پ پ
اڳواڻ مخدوم فخرالزمان جا يوسي
پليجاڻي جا دورا

متياري (رپورٽر) پي ايس 57 اميدوار پ پ اڳواڻ مخدوم فخرالزمان جا يوسي پليجاڻي جي مختلف ڳوٺن جا دورا ڪارنر گڏجاڻيون متياري لڳ ڳوٺ بچل ڏيٿا ۾ وڏيرو گل ضمير عرف جاني ڏيٿو ۽ ڏيٿا برادري پاران پ پ اڳواڻ ۽ پي ايس 57 جي ميدوار مخدوم فخر زمان جو شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ ان ڪان علاوا يوسي پليجاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪراچي: حافظ عبدالقيوم صحافين سان ڳالهائيندي

پرياسٽي جي ڳوٺ يعقوب هڪڙو واسڻ عورت تازي چاول پار سميت فوت، لاش رکي ڌرڻو

ڳوٺاڻي ضمير حسين هڪڙو جي گهرواري پروين هڪڙو مبينا طور تازي چاول پار سميت فوت ٿي وئي

وارثن نوشهري فيروز جي خانگي ميڊيڪل سينٽر ۾ فوت وارثن جو احتجاج اسپتال آڏو لاش رکي ڌرڻو هنيو

نواب شاهه جي ڊاڪٽرن ٻڌايو ته عورت ٻه ڪلاڪ اڳ فوت ٿي چڪي آهي ۽ فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي: وارث

پريا سٽي (رپورٽر) پرياسٽي جي ڳوٺ يعقوب هڪڙو واسي ڳوٺاڻي ضمير حسين هڪڙو جي گهرواري پروين هڪڙو مبينا طور تازي چاول پار سميت نوشهري فيروز جي خانگي ميڊيڪل سينٽر ۾ فوت وارثن جو احتجاج اسپتال آڏو لاش رکي ڌرڻو. ان سلسلي ۾ هڪڙا برادري جي ڳوٺاڻن امان الله هڪڙو ـ غلام محمد هڪڙو ضمير هڪڙو ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان ٻه ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

بدين جي زميندار پوڄڙ جي غريب زميندارن کي وڏو فائدو رسيو آهي: قبول محمد ڪٽياڻ

ڪپ 4 فٽ مٿي ڪڍايا جنهن سان قليلي ڪئنال ۾ هزار ڪيوسڪ پاڻي وڌيڪ ڪنيو آهي

بدين ۽ ٽنڊو محمد خان جي ضلعن کي ڪي وڏو ريليف ڏيندي هڪ نئون پراجيڪٽ آڻي رهيا آهيون

منهنجي ڪوشش هوندي ته آئون ايريگيشن واري ڪاتي ۾ سڌارا آڻيان ۽ ملازمن جا مسئلا حل ڪريان

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سيڊا سنڌ جي چيئرمين قبول محمد ڪٽياڻ ٽنڊو باگو شهر لڳ جي ايريگيشن آفيس جي دوري بعد صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان سالن ڪان ايئن بيل قليلي ڪئنال جا ڪپ 4 فٽ مٿي ڪڍايا جنهن سان قليلي ڪئنال ۾ اسان هن دفعي 5 هزار ڪيوسڪ پاڻي وڌيڪ ڪنيو آهي 5 هزار پاڻي وڌيڪ ملڻ سان جتي ٽنڊو محمد خان سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

گهوٽڪي ۾ چونڊ ڇڪتاڻ جاري،
پ پ شهيد ڀٽو، آزاد اميدوار ميان
مٺو جي حمايت ڪري ڇڏي

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي ۾ چونڊ ڇڪتاڻ جاري، پ پ شهيد ڀٽو آزاد اميدوار ميان مٺو جي حمايت ڪري ڇڏي، پ پ سرڪار سنڌ کي تباهي، بدامني، ۽ قبيلائي جهيڙن کان سواءِ ڪجھ ناهي ڏنو: جلال بروزدار. خبرموجب گهوٽڪي ضلعي ۾ چونڊ ڇڪتاڻ جاري آهي پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو آزاد اميدوار ميان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

بدين: سيڊا سنڌ جو چيئرمين قبول محمد ڪٽياڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

حيدرآباد روڊ تي ٿيل حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان جي سهائتا نه ٿي، نوجوان معذور ٿي بستري پيٽرا

محمد الرحيم ماڇي جا رهواسي دلشاد ماڇي، ابراهيم ماڇي ۽ علي اڪبر ماڇي سخت زخمي ٿي پيا هئا

ٽيئي نوجوان معذور ٿي بستري پيٽرا ٿي ويا آهن جن جي اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به سار ناهي لڌي: ڏاڏا آدم گندرو

ٽرالر کي تحويل ۾ وٺي زخمي ٿي معذور بڻيل نوجوانن جو بهتر علاج ڪرائي سندن زندگيون بچايون وڃن: مطالبو

ٽنڊو (ٻ) ڪجھ ڏينهن اڳ ٽنڊو/حيدرآباد روڊ تي ٿيل حادثي ۾ زخمي ٿيل جهمپير لڳ ڳوٺ محمد الرحيم ماڇي جي رهواسي 3 نوجوانن دلشاد ماڇي، ابراهيم ماڇي ۽ علي اڪبر ماڇي سخت زخمي ٿي پيا هئا، جن مان 2 ڄڻن جون ٽنگون ٽٽي وڃڻ سان گڏ هڪ نوجوان جي چيلهه ٽٽي وڃي آهي، جيڪي ٽيئي نوجوان معذور ٿي بستري پيٽرا ٿي ويا آهن. جن جي اڄ ڏينهن تائين ڪنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

جي ڊي اي ٿر ۾ پيپلزپارٽي جون وڪيٽون ڪيرائڻ شروع ڪري ڇڏيون

چيلهار جي اهم شخصيت علي خان عمراڻي ۽ شيرخان ڪوسو برادري شموليت ڪئي

ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم سان ملاقات ڪري جي ڊي اي ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو

پ پ هاڻي اهو ناهي رهي پيپلزپارٽي پنهنجا نوازي واري پاليسي اختيار ڪئي آهي: علي خان عمراڻي

مٺي (رپورٽ غلام مصطفيٰ) جي ڊي اي ٿر ۾ پيپلز پارٽي جون وڪيٽون ڪيرائڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن چيلهار جي اهم شخصيت علي خان عمراڻي ۽ شيرخان ڪوسو برادري سميت پاڪستان پيپلزپارٽي کي الوداع ڪري مٺي ارباب هائوس پهچي جي ڊي اي جي اڳواڻ سنڌ جي اڳوٽي وڏي وزير ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم سان ملاقات ڪري جي ڊي اي ۾ شموليت جو اعلان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

هڪ طرف تيل، گئس ۽ ٻيا قدرتي
وسيلا آهن ٻئي طرف ڪرپٽ مافيا
آهي: اياز لطيف

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ پاران اليڪشن ورڪ تيز قومي عوامي تحريڪ سربراهه اياز لطيف پليجي پي ايس 60 قاسم آباد جي ڳوٺ الهجايو چلگري ڀهتو جتي ڳوٺ جي سوين عورتن سميت علائقي واسين گلن جي ورکا ڪري سندس شاندار استقبال ڪري ڪيس اجرڪن جا تحفا ڏنا. ڪارنر گڏجاڻي کي خطاب اياز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

مٺي: جي ڊي اي اڳواڻ ارباب غلام رحيم رهواسين سان ملاقات ڪري رهيو آهي

پي ايس 20 خانڳڙهه ۽ اين اي 199 تي تي چونڊ مهم جي سلسلي ۾ دورا جاري

محمد بخش خان مهر اڳوڻي ضلعي چيئرمين سردار حاجي خان مهر پاران ملاقاتون

وقاراحمد پتافي محمد صديق پتافي مير حسن پتافي ۽ ٻين پاران شاندار استقبال ڪيو

خان مهر حاجي زبردست خان مهر حاجي علي ڏنو مهر دادن خان مهر کي اجرڪ جا تحفا ڏنا

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) پي ايس 20 خانڳڙهه ۽ اين اي 199 تي تي چونڊ مهم جي سلسلي ۾ ب پ اميدوار سردار محمد بخش خان مهر اڳوڻي ضلعي چيئرمين سردار حاجي خان مهر خانپورمهر لڳ ڳوٺ حبيب الله پتافي ڀهتو جتي وڏيري محمد رمضان عرف شمن پتافي وڏيري غلام حسين پتافي وڏيرو نثار احمد پتافي وقاراحمد پتافي محمد صديق پتافي مير حسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪوسڪي روڊ جي رهواسي آرائين برادري جو پٺاڻن پاران پلاٽ تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

متاثرين پاران پوليس اڳيان موتمار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف ايوان صحافت اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

باائر گهٽي بند ڪري پلاٽ تي قبضو ڪري اسان کي علائقو خالي ڪري وڃڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

زبردستي قبضا ڪندڙ باائر پٺاڻ برادري جي ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي: ڳالهيون

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي شهر ڪوسڪي روڊ جي رهواسي آرائين برادري جو ع پٺاڻن پاران پلاٽ تي زبردستي قبضو ڪري گهٽي بند ڪرڻ ۽ پوليس اڳيان موتمار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف ايوان صحافت اڳيان احتجاجي مظاهرو انصاف جي گهر تفصيل موجب بدين شهر جي ڪوسڪي روڊ جي رهواسين غلام رباني آرائين محمد ابرار آرائين عبدالسلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

متياري پي ايس 57 واري تڪ ۾
جي ڊي اي اميدوار ۽ نواز ليگ
اميدوارن پاران طوفاني دورا

متياري (رپورٽر) متياري پي ايس 57 واري تڪ ۾ جي ڊي اي اميدوار ۽ نواز ليگ اميدوار جا مختلف ڳوٺن ۾ طوفاني دورا مختلف هنڌن تي شاندار آجيان. ڪيبر ڪان يونين ڪائونسل عرضي هڪڙا جي مختلف ڳوٺن ۾ ريلي، جي صورت ۾ اين اي 216 متياري نواز ليگ جي اميدوار بشير ميمڻ ۽ جي ڊي اي اميدوار پي ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

بدين: آرائين برادري پاران باائرن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ تحريڪ انجمن سرفروشان اسلام پاران عظيم الشان ريلي جشن ولادت علي ع منعقد

جشن مولود ڪعبه حضرت امام علي عليه اسلام جي ولادت با سعادت جي خوشي ڪئي وئي

ريلي جي قيادت مرڪزي نائب امير حاجي ياسين مغل امير سنڌ فصل قادري محمد ڪامران ڪئي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) عالمي روحاني تحريڪ انجمن سرفروشان اسلام پاڪستان ضلع دادو جي طرفان سالانه عظيم الشان ريلي جشن مولود /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين سي بي اي ٽنڊو ۽ سجاول پاران تقريب

شهيدن جو ڏهاڙو وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو، شهيد ملازمن جي لاءِ فاتحه خواني ڪئي وئي

اسان جا ڪيترائي ملازم شهيد ٿي ويا آهن شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا: وحيد علي زند

ٽنڊو (جاويد لطيف ميمڻ) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين سي بي اي ٽنڊو ۽ سجاول پاران شهيدن جو ڏهاڙو وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو. شهيد ملازمن جي لاءِ فاتحه خواني ڪئي وئي، انهي موقعي تي ڊويزنل چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

غوثپور جماعت اصلاح المسلمين برانچ غوثپور طرفان يوم ولادت حضرت علي ع جي تقريب

حضرت مولا علي المرتضيٰ شير خدا رضہ الله تعاليٰ عنہ جي مناسبت سان پروگرام منعقد ڪيو ويو

اسلام چوٿين خليفہ حضرت علي رضہ جي زندگي مسلمانن لاءِ مشعل راهه آهي: حافظ ذوالفقار علي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور جماعت اصلاح المسلمن برانچ غوثپور طرفان مسجد نورمصطفي ۾ يوم ولادت باسعادت حضرت مولا علي المرتضىٰ شيرخدا رضہ تعاليٰ عنہ جي مناسبت سان پروگرام منعقد ڪيو ويو جماعت جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

غوثپور: يوم ولادت حضرت علي ع جي حوالي سان ڪوٺايل تقريب جو ڏيک

ڪڍڻ شهر ۾ بدين ضلعي جي قومي تڪ اين اي 223 جي اميدوار پاران ڪارنر گڏجاڻي

حاجي رسول بخش چانڊيو ۽ صوبائي تڪ پي ايس 71 جي اميدوار تاج محمد ملاح دورو ڪيو

جن پي پي کي ڇڏيو آهي گڏ پهچي ويا سڀني برادرين جا ماڻهون منهنجا پائر آهن: رسول بخش چانڊيو

ڪڍڻ (رپورٽ محرم علي ملاح) ڪڍڻ شهر ۾ بدين ضلعي جي قومي تڪ اين اي 223 جي اميدوار حاجي رسول بخش چانڊيو ۽ صوبائي تڪ پي ايس 71 جي اميدوار حاجي تاج محمد ملاح جو سياسي دورو راڄواهه سوري تي ڪولهي برادري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪڏڙو ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف مرڪز نشات طرفان پاران گڏجاڻي

وزٽ جي صدارت مرڪزي صدر ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف ڪئي

سهيل احمد جوڻيجو مرڪزي جنرل سيڪريٽري بشيرالدين جوڻيجو، وقار احمد ڪوريجو شريڪ

ڪڏڙو (رپورٽ) ڪڏڙو ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف مرڪز نشات طرفان سال 2023/24 جو هيو يونٽ وايز وزٽ ضلع سانگهڙ جي يونٽ ڪڏڙو يونٽ مريد ڏاهري يونٽ جرار ڏاهري ۾ ٿي گزريو هن وزٽ جي صدار مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز جي لنڊن ٽائون ۾ ضمير حسين وسطڙو جي رهائش گاهه تي تقريب منعقد

مولا علي عليه السلام جي جشن ولادت جي سلسلي ۾ هڪ محفل جو انعقاد ڪيو ويو

شان ۾ منقبتون ۽ قصيدا پڙهي مولا علي عليه السلام کي خراج عقيدت پيش ڪيو

نوشهروفيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهروفيروز جي شهر جي لنڊن ٽائون ۾ ضمير حسين وسطڙو جي رهائش گاهه تي مولا علي عليه السلام جي جشن ولادت جي سلسلي ۾ هڪ محفل جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ نوشهروفيروز جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

وزارت دوران شهر جي خراب صورتحال کي بهتر ڪيو، ڊرينيج اسڪيم مڪمل ڪرائي: امتياز شيخ

اسپتال اندر سولر سسٽم، اين آئي سي وي ڊي يونٽ، ٿيليسيميا سينٽر، ايس آئي يو ٽي وارڊ تعمير ڪرايا

منهنجو پيو خاندان سان پيئي جا تعلق آهن ۽ مان حاجي بابا ڪوڙا خان سان نيازمندي هئي جن محبت ڏني

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور جي پي ايس ست تي پاڪستان پيپلزپارٽي طرفان نامزد ڪيل اميدوار امتياز احمد شيخ چيو آهي ته مان پيپلز پارٽي قيادت بلاول ڀٽو زرداري جو شڪر گذار آهيان جنهن مونکي پي ايس ست لاءِ ٽيون دفعو پارٽي ٽڪيٽ ڏني آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن جاڳن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي شڪارپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

شڪارپور: پ پ اڳواڻ امتياز شيخ ڪارنر گڏجاڻي کي خطاب ڪري رهيو آهي

جي ڊي اي قيادت جو ٿورائتو آهيان جن ٽڪيٽ ڏئي مون کي مان بخشيو: پيارو خان قلپوٽو

سجل ڳوٺ ۾ اليڪشن ڪئمپ جو افتتاح ڪري ورڪ مهم جي شروعات ڪري ڇڏي آهي

حالت ڏسي حيرت ٿي ٿئي ته پيپلزپارٽي هتان جي عوام کي لاوارث ۽ ننڍڙو ڪري ڇڏي ڏنو هو

ڪراچي (باغي ساگر ڀهنوار) ڪراچي ضلعي ايسٽ جي پي ايس 98 تي جي ڊي اي جي اميدوار پيارو خان قلپوٽو ڪراچي ايسٽ پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته جي ڊي اي قيادت جو ٿورائتو آهيان جن ٽڪيٽ ڏئي مون کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دادو شهر ۾ جشن مولود ڪعبه حضرت علي صلی الله عليه وسلم جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي وئي

سيد اظهر علي شمسي ۽ محبان اهلبيت فقرا جي اڳواڻي ۾ دهل شرناين سان ريلي ڪڍي وئي

گهرجي معاشري کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪيون، فنڪارن پرڻتي تائين قصيدا ڳائي دادو رتو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو شهر ۾ جشن مولود ڪعبه ظهور مولا علي 13رجب عيد ڪان وڌيڪ نرالا رنگ دادو شهر جي وک وک تي آمد مولود ڪعبه جا نعرا. دادو شهر جي قلندري مڪان فيض درياءُ تان سيد اظهر علي شمسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

قلجي وليج جي رهواسي پير بخش جمالي ۽ ٻين زرعي زمين تي قبضي خلاف احتجاج

ڪوڙا ڪاغذ ناهي ڏيندڙ تپيدار خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

محبوب سومرو ڪان پيسا وٺي اسان جي ديهه ميرواهه ۾ 2 سئو ايڪڙ زمين نالي ڪري ڇڏي آهي

دادو (ن سنڌيار) دادو پرسان ڳوٺ قلجي وليج جي رهواسي پير بخش جمالي ۽ ٻين زرعي زمين تي قبضي ۽ ڪوڙا ڪاغذ ناهي ڏيندڙ تپيدار خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

رتوديرو پرسان ٽول پلازه وٽ ڪار ۽ چنگچي رڪشا ۾ ٽڪر، عورتن سميت 5 ڄڻا زخمي

ٽڪر سبب مومل، سميرا، رضيه، مختياران خاتون ۽ چنگچي ڊرائيور عبدالغفار زخمي ٿي پيا

سميرا ڳچل ۽ چنگچي رڪشا ڊرائيور عبدالغفار ٻيڙ جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي

رتوديرو (رپورٽر) رتوديرو پرسان ٽول پلازه وٽ ڪار ۽ چنگچي رڪشا ۾ ٽڪر، عورتن سميت پنج ڄڻا زخمي، لاڙڪاڻو روڊ ٽول پلازه وٽ ڪار ۽ چنگچي رڪشا ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ چنگچي رڪشا سوار مومل، سميرا، رضيه، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ايس ڊي ايف هاءِ اسڪول نئون ڪوٽ ۾ سائنسي ماڊل ۽ تقريري مقابلي جي حوالي سان تقريب

نئون ڪوٽ جي هيڊ ماستر حضوربخش مري جي ميزباني هيٺ ڇهن اسڪولن ۾ تقريري مقابلا ٿيا

پهرين پوزيشن فيصل پبلڪ اسڪول ڳوٺ عبدالخالق شر ڪڪرواڙ جي شاگرديائي سڌره حاصل ڪئي

سانگهڙ (رپورٽر) ايس ڊي ايف هاءِ اسڪول نئون ڪوٽ ۾ سائنسي ماڊل ۽ تقريري مقابلي جي حوالي سان تقريب منعقد. تفصيل موجب: ايس ڊي ايف هاءِ اسڪول نئون ڪوٽ جي هيڊ ماستر حضوربخش مري جي ميزباني هيٺ ڇهن اسڪولن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ميهڙ جي سيڪنڊ سول جج جي عدالت پاران زيادتي جي ڪوشش جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي سزا

ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدارن کي 2_2 سال قيد ۽ 10/10 هزار ڏنڊ جي سزا ٻڌائي جيل موڪلي ڇڏيو

معصوم ٽينگر زبير احمد تنيو جي ڏاڏهن تي پهتل سندس عزيز عبدالجبار تنيو تي تشدد ڪيو هيو: عدالت

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ جي سيڪنڊ سول جج اعجاز علي جروار جي عدالت پاران جوابدارن تي جهيڙي ۽ ٽينگر سان زيادتي جي ڪوشش جو ڏوهه ثابت ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سنڌ حڪومت جي صحت کاتي ۽ سرسو ۾ بيمارين کان بچاءَ وارن ٽڪن بابت ايم او يو تي صحيحون ڪيون ويون

بيمارين کان بچاءَ وارن ٽڪا لڳائڻ واري ڪم ۾ درپيش اينڊز مشڪلاتن جو خاتمو ڪرڻ ۾ سهڪار فراهم ڪرڻ آهي

علائقن ۾ سرسو ماڻهن ۾ شعور بيدار ڪرڻ ۽ ٽڪن واري مهم تي عوام جو اعتماد وڌائڻ لاءِ ڪم ڪندي: جميل احمد

گڏيل قومن جي صحت بابت عالمي اداري ڊبليو ايڇ او جا نمائندا ڊاڪٽر رميش ڪمار ۽ ڊاڪٽر ارسلان ميمڻ موجود هئا

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي ترجمان جميل سومرو پاران جاري ڪيل پڌرائي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سنڌ حڪومت جي صحت کاتي ۽ سرسو جي ذميوار آفيسرن خميس ڏهاڙي گڏيل يادداشت جي هڪ ناهه (ايم او يو) تي صحيحون ڪيون آهن. سرسو ترجمان جميل احمد پڌرائي ۾ تفصيل ڏيندي واضح ڪيو آهي ته ايم او يو جو مقصد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بلاول ڪالوني ۾ نئين ٺهندڙ
روڊ ،نالين جو ڪم روڪيو ويو
آهي: عبدالقدوس پنهور

ٺٽون ديرو (رپورٽر) جمعيت العلماءِ السلام (ف) سٽي ٺٽون ديرو جي سرپرست اعليٰ ۽ ٺٽون ديرو شهري اتحاد جي اڳواڻ مولانا عبدالقدوس پنهور حسيني صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ٺٽون ديرو شهر شهيدن جو شهر آهي هي شهر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ،شهيد بينظير ڀٽو ،شهيد ميرمرتضيٰ جو اباڻو شهر آهي جڏهن ته بلاول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر: سرسو ۽ صحت کاتي جا عملدار ايم او يو تي صحيحون ڪري رهيا آهن

شڪارپور ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس جو ڪارنامو، سوين ملازمن جا مسئلا رولڙي جو شڪار

3 مهينن کان وٺي نه جي پي فنڊ نه ايل پي آر ۽ نه ڪميوٽيشن رٽائرڊ ملازمن کي ملي سگهي

ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر جي سيٽ خالي هئڻ ڪري سکر جي ايڊيشنل اڪائونٽ آفيسر حوالي

جي پي فنڊ ايل پي آر توڙي ڪميوٽيشن نه ملي سگهي ملازمن جا ٻچا ٻکون ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويا

خانپور (عتيق ابڙو) شڪارپور ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس جو ڪارنامو گڏريل 3 مهينن کان رٽائرڊ سرڪاري ملازم حاضر سروس ملازم فوتي ملازمن جا مسئلا رولڙي جو شڪار گڏريل 3 مهينن کان وٺي نه جي پي فنڊ نه ايل پي آر ۽ نه وري ڪميوٽيشن رٽائرڊ ملازمن کي ملي سگهي آهي بجيٽ به موجود آهي پر ڊسٽرڪٽ شڪارپور اڪائونٽ آفيسر جي سيٽ خالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

آزاد منصفاڻو ۽ غيرجانبدار عام چونڊن جون سموريون تياريون مڪمل آهن: عبدالفتاح هليو

اليڪشن ڪميشن طرفان عام چونڊن لاءِ جاري ڪيل ضابطہ اخلاق تي مڪمل عمل ڪرايو پيو وڃي

ضلعي بدين جي ٻه قومي ۽ پنج صوبائي سيٽن لاءِ 693 پولنگ اسٽيشن مقرر ڪيا ويا آهن: ڊي سي

حساس پولنگ اسٽيشن تي 7 کان 8 پوليس جا جوان موجود هوندا ريسپانس ٽيمون جوڙيون ويون آهن

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) آزاد منصفاڻو ۽ غيرجانبدار عام چونڊن جون سموريون تياريون مڪمل آهن اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان طرفان عام چونڊن لاءِ جاري ڪيل ضابطہ اخلاق تي مڪمل عمل ڪرايو پيو وڃي. ضابطہ اخلاق جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي اهڙن خيالن جو اظهار ڊي آر او ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو 8 فيبروري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

بدين: ڊي سي عبدالفتاح هليو ۽ ايس ايس پي ڪوٺايل اجلاس جي صدارت ڪري رهيا آهن

تلهار لڳ بقادار بس اسٽاپ وٽ حيدرآباد بدين روڊ تي حادثو، 4 نوجوان فوت ٿي ويا

خيرمحمد ڪوڪر جي تيز رفتار گاڏي سامهون کان ايندڙ موٽرسائيڪلن سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

19 سالہ نعمان ملاح 20 سالہ واحد ملاح ۽ معشوق جوڻيجو موقعي فوت ٿي ويا، شهزاد علي رستي ۾ فوت

لاش تلهار پوليس ڪٽائي تعلقہ اسپتال مان ضروري ڪرائي، وارثن حوالي ڪيا فوتين جي گهرن ۾ قهرام مچي ويو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) تلهار لڳ بقادار بس اسٽاپ وٽ حيدرآباد بدين روڊ تي ب.پ اڳواڻ خيرمحمد ڪوڪر جي تيز رفتار گاڏي سامهون کان ايندڙ موٽرسائيڪلن سان زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار بدين جا رهواسي چار نوجوان موقعي تي فوت ٿي ويا. جڏهن ته وري ايٽ گاڏي ۾ موجود ب.پ اڳواڻ حاجي خيرمحمد ڪوڪر ۽ سندس ڊرائيور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر ۾ ڳوٺ سينگار فائونڊيشن ۽ سي ايس ڊي نيٽورڪ پاران اميدوارن سان منشور بابت سيمينار

فافن جي سهڪار سان پاڪستان ڪلب ۾ آزاد اميدوارن سان هڪ منشور بابت سيمينار ڪوٺايو ويو

روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ، صنعتي ادارا لڳائڻ ۽ پاڻي فراهم ڪرڻ منشور ۾ شامل آهي: حزب الله جڪرو

حافظ ذبير شبانہ انصاري، جاويد اوڏاڻو، نصيب الله ملاڻو، عاشق چاچڙ ،ناري فائونڊيشن جي انور مهر جو خطاب

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ ڳوٺ سينگار فائونڊيشن ۽ سي ايس ڊي نيٽورڪ پاران فافن جي سهڪار سان پاڪستان ڪلب ۾ پارٽي اميدوارن ۽ آزاد اميدوارن سان هڪ منشور بابت سيمينار ڪوٺايو ويو جنهن ۾ جماعت اسلامي جي اميدوار حزب الله جڪرو چيو ته اسان جو منشور پرامن حول ، صحت ، تعليمي ادارن جو قيام عمل ۾ آڻڻ ، ماڻهن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر جي سينئر صحافي شهيد
جان محمد مهر جي قاتلن جي
گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

پيرلو: (رپورٽر) سکر جي سينئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پريس ڪلب پيرلو، آڏو قلم ڏٿين پاران احتجاجي مظاهرو، پوليس خلاف سخت نعريبازي، قاتلن کي فوري طور گرفتار ڪرڻ جو مطالبو. خبر موجب سموري سنڌ جيان پيرلو، ۾ به پريس ڪلب آڏو سينئر صحافي اعظم مستوئي، ڪامران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سکر: سماجي تنظيم پاران ڪوٺايل تقريب ۾ مقرر خطاب ڪري رهيو آهي

دادو پرسان ڳوٺ مصري چانڊيو جي رهواسين پاران باائرن خلاف احتجاجي مظاهرو

ظفر علي، منظور،ارشاد چانڊيو ۽ ٻين گهر جي مين گهٽي بند ڪري ڇڏي آهي: مظاهرين

پوليس نالي ماتر ڪاروائي ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري خاموش تماشي بڻجي وئي آهي

ايس ايڇ او ۽ جوابدارن کي پناهه ڏيندڙ خلاف قانوني ڪاروائي ڪري فصل تان قبضو ختم ڪرايو وڃي

دادو (ن سنڌيار) دادو پرسان ڳوٺ مصري چانڊيو جي رهواسين دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس دوران مبينا الزام هڻندي ڏاڏهيو ته اعجاز علي، نياز حسين، مظهر چانڊيو ۽ ٻين صحافين آڏو ڏاڏهيو ته ڳوٺ جي ڪجھ شر پسند ماڻهن ظفرعلي، منظور،ارشاد چانڊيو ۽ ٻين بنا جواز اسان جي گهر جي مين گهٽي بند ڪري ڇڏي آهي جيڪا هڪ سئو سالن کان موجود آهي جيڪا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

جي يو آءِ سربراهه فضل الرحمان عام چونڊن جي سلسلي ۾ سيائي شڪارپور پهچندو

جي يو آءِ طرفان شڪارپور جي پنجني سيٽن تي مضبوط اميدوار ميدان تي بيٺل آهن،

خانپور، تنگواڻي، شڪارپور، ڳڙهي ياسين، لکي غلام شاهه جي مختلف هنڌن تي ميڙاڪا

سنڌ جي سياسي ميدان ۾ چار چنڊ لڳائڻ لاءِ سنڌ ۾ ٻن ڏينهن جي دوري تي اچي رهيو آهي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان عام چونڊن جي سلسلي ۾ 27 جنوري تي شڪارپور پهچندو، تفصيل موجب جي يو آءِ ضلع شڪارپور جي پريس ترجمان حافظ رفيق احمد شر چيو آهي ته جي يو آءِ طرفان شڪارپور جي پنجني سيٽن تي مضبوط اميدوار ميدان تي بيٺل آهن. اين اي 192، اين اي 193، پي ايس 7، 8، 9 جي اميدوارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ابراهيم حيدري ٽائون ميونسپل
ڪارپوريشن جو اجلاس چيئرمين
جي صدارت هيٺ منعقد

ملير (رپورٽر) ابراهيم حيدري ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جو اجلاس چيئرمين نذيراحمد ڀٽو جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس ۾ وائيس چيئرمين رفيق دائود جٽ، ميونسپل ڪمشنر تنوير آرائين، پارلياماني ليڊر اختر يوسف عارفاڻي، جان عالم چاموٽ ۽ ٻين سمورن ميمبرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ مختلف معاملن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

شڪارپور: جي يو آءِ اڳواڻ ڪارنر گڏجاڻي ۾ شريڪ آهن

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 26 جنوري 2024ع

اليڪشني سرگرمين ۽ وڙائتي ٻوليءَ کان وانجهيل سياست

تازو اليڪشن هاڻي ٻن هفتن کان به گهٽ پنڌ تي آهي ۽ ملڪ ۾ سخت ٿڌ ۽ نارجي لهر آيل آهي، جنهن موسم جو اثر اليڪشني سرگرمين تي پڻ نظر اچي رهيو آهي ۽ لڳي ائين ٿو ته اليڪشن مهم به ٺنڍي پئي آهي. اها گرمي ۽ سرگرمي نظر نه اچي رهي آهي. جيڪا اليڪشن شيڊيول جاري ٿيڻ شرط سڄي ملڪ ۾ نظر ايندي آهي. سڄي ملڪ ۾ هڪ موڳو ماحول آهي. سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ سرگرمين جي مجموعي طور تي مانار ڇانيل آهي. رڳو پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پڙ ۾ پڌاريل آهي ۽ ڪي پي ڪي ۾ ڪجهه جلسن ڪانپوءِ ان جو هاڻي ڏيان پنجاب تي آهي. جڏهن مسلم ليگ (ن) کي اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته سياسي حريف ٻُنييءَ ٻاهران پهچي ويا آهن. لاهوري چيرانهن لاءِ چاڙڪي آهي ته پوءِ انهن به پنهنجن جلسن جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. مياں نواز شريف ۽ مريم نواز پنجاب ۾ چوند مهم جا مک مورچا سنڀالي ورتا آهن ۽ سياسي ماحول ۾ هلچل پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. جلسن ۾ تقريرن ذريعي پرڪشش واعدا ڪري عوام جي مرضيءَ وارو مورچو فتح ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. ان سڄي مهم جو جيڪو افسوسناڪ پاسو آهي، اهو آهي تقريرن ۽ بيانن ۾ وڙائتي ٻوليءَ جو استعمال نه ڪرڻ. ٻنهي طرفن کان لفظن جي مهاڀاري جاري آهي. سياست ۾ لفظن جي گدلاڻ ۽ غلاظت وارو رواج توڙي جو 126 ڏينهن واري ڌرڻي دوران ڪنٽينر تان وڌو ويو هو پر سياست مان ان گندگيءَ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش بدران ان ڪلچر کي ويتر وڌايو پيو وڃي. هڪ پاسي هميشه شرافت جي سياست ڪرڻ جو دعويدار شريف گهراڻو ۽ ان جي "پنگڙا بريگيڊ" آهي ته ٻئي طرف آڪسفورڊ جو تعليم يافته سياستدان ۽ ان جا جيالا جان نثار آهن. جيڪي پڻ سياسي مخالفن کي سوڙهين هٿين اچي پيا آهن ۽ انهن جي ٻولي به اهائي ساڳي آهي، جنهن تي سندن سياسي حريف ٽڪيو ڪن ٿا. عوام ان سڄي لقاءَ کي حيرت سان ڏسي رهيو آهي.

سياست ۾ اختلاف راءِ جمهوريت جو حُسن آهي پر اسان وٽ سياسي اختلاف راءِ بدران سياسي دشمني رکي وڃي ٿي ۽ انهيءَ دشمنيءَ جا لقاءَ اليڪشني ريلين ۽ جلسن ۾ ٿيندڙ تقريرن ۾ نظر اچن ٿا. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته، دنيا ۾ ايتري تباهي بمن ۽ بارودن ناهي آندي، جيتري تباهي اڻ سونهندڙ لفظن جي نامناسب استعمال سبب ٿي آهي. لفظن جو وڙائتو استعمال به هڪ آرٽ آهي ۽ جڏهن معاملو سياست جو هجي ته ان جي اهميت ويتر وڌي وڃي ٿي. دنيا جي ملڪن ۾ اليڪشن Contest ڪئي ويندي آهي. سياست جي ميدان ۾ مقابلو ڪيو ويندو آهي پر اسان جو اهو الميو آهي ته هتي سياست جنگ وانگر وڙهي ويندي آهي. جيئن پيار ۽ جنگ ۾ سڀ ڪجهه جائز سمجهيو ويندو آهي. تيئن هتي سياست ۽ جنگ ۾ سڀ ڪجهه جائز سمجهيو وڃي ٿو. اليڪشن مهم ۽ سرگرمين ذريعي، ريلين ۽ جلسن ذريعي پنهنجو اليڪشني منشور عوام تائين پهچائڻ گهرجي، نه ڪي سياسي مخالفن تي نامناسب ٻوليءَ ۾ حملا ڪرڻ گهرجن. چو ته سياست ۾ سياسي دشمني وارو ڪلچر انتهائي هاڃيڪار آهي. حقيقت اها آهي ته اسان وٽ سياست مان سهپ ۽ برداشت جا گڻ موڪلائي ويا آهن. سياسي اخلاقيات جو اولڙو پري پري تائين نظر نٿو اچي. اهڙن روين جو اثر ووٽرن تي پڻ پوي ٿو ۽ پولنگ واري ڏينهن ڪيترين ئي پولنگ اسٽيشنن جنگ جو ميدان بڻجي وينديون آهن. اليڪشن چوراڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. عوام جو مينڊيٽ چوراڻ ۾ وسان نه گهٽايو ويندو آهي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سياست ۾ سهپ ۽ برداشت جو مظاهرو ڪيو وڃي. سياست مان ناموزون ۽ نامناسب لفظن جي استعمال وارو ڪلچر ختم ٿيڻ گهرجي. سنڌ ۾ ڪا سياسي ڌر اچي ٻين سياسي جماعتن سان اليڪشني اتحاد ڪري ٿي ته ان تي، ڏيڍ ڏهاڪي تائين سنڌ ۾ مسلسل اقتدار ۾ رهندڙ ڌر کي ارهو نه ٿيڻ گهرجي ۽ نه ئي وري شرافت جي سياست جي دعويدارن کي وڙ وڃائي اهڙي ٻوليءَ جو استعمال ڪرڻ گهرجي. جيڪا سياسي دشمنيءَ جا پنيٽ پڙڪائي.

پوليٽيڪل آڊٽ ۽ سوشل ميڊيا جو ساراهه جوڳو ڪردار

ادريس لغاري

دنيا ۾ جتي به جمهوري نظام ۽ ادارا مضبوط آهن ۽ عوام باشعور ۽ پنهنجي حقن کان آگاهه آهن ته اتي باقاعده پوليٽيڪل آڊٽ ٿيندي آهي جنهن ۾ رهنما شخص يا پارٽيون پنهنجي ووٽرن ۽ عوام سان جيڪي واعدا ۽ وچن ڪندا آهن، انهن تي پوري ريت عمل پڻ ڪيو ويندو آهي. اتي اسان ڪيترن ئي موقعن تي ڏٺو آهي ته سياسي اڳواڻ کان سخت پڇاڻو ٿيندو ۽ سجو حساب ڪتاب ڏيکو ٿو وڃي. يا ته پارٽي جو صدر يا وزيراعظم ڪنهن به ريت عوام جي عدالت ۾ پورو نه لهندو آهي يا پنهنجي منشور ۾ پيش ڪيل ڳالهين تي عمل نه ڪري سگهيو آهي ته اهو پنهنجي غلطي جو اعتراف ڪري عوام کان معافي وٺندو آهي. اهو سڀ ڪجهه صرف ۽ صرف پوليٽيڪل آڊٽ جو نتيجو آهي. جيڪڏهن انهن ملڪن ۽ خطن ۾ پوليٽيڪل آڊٽ جو ڪلچر نه هجي ها ته هوند اتي به اهڙو ظلم ٿيندو رهي ها، جيڪو گذريل پنجهتر سالن کان اسان وٽ پاڪستان ۾ ۽ خاص طور تي سنڌ ۾ ٿي رهيو آهي.

بدقسمتي سان نه پر هڪ وڏي ۽ ڏکهي رٿابندي تحت اسان جهڙن علمي، فڪري، سياسي ۽ تاريخي طرح پٺتي پيل خطن ۽ سماجن ۾ پوليٽيڪل آڊٽ جهڙي ڪلچر جي رستا روڪ ڪئي وئي آهي. هر طرف کان سڀ وسيلا استعمال ڪري ان کي اسرڻ نه ڏيڻ لاءِ هڪ وڏو ۽ تاريخي ڪم ٿيو آهي. هن رياست، رياستي ادارن ۽ ان جي اتحادي وڏين سياسي پارٽين ۽ انهن جي ليڊرن جي پوري ڪوشش رهي آهي ته هن ملڪ جو عوام ڪنهن به طرح سياسي سمجهه کان وانجهيل رهي ۽ هڪڙي قسم جي جهالت واري جهان ۾ قيد ۽ بند هجي.

اهوئي سبب آهي جو اسان وٽ سياسي پارٽيون ۽ انهن جا ليڊر بس هڪڙا مسيحا لڳا پيا آهن ۽ ائين ٻڌايو ۽ محسوس ڪرايو ٿو وڃي ته انهن "مسيحائن" سان ڪهڙا ليڪا! هن ويچاري جيڪا قرباني ڏني، اها صرف ٿي صرف توهان لاءِ هئي. بس هڪڙو ووٽ آهي اهو هن کي ڏئي ڇڏيو پوءِ چا ٿيندو آهي جو هر دفعي چونڊن وقت وڏا ۽ پرڪشش نعرا نظر ايندا آهن ۽ ڪي به سوال جواب نه ٿيندا آهن. مثال طور اسان پيپلز پارٽي کي ٿا ڏسون، جنهن جو 1967ع ۾ بنياد پيو ۽ ان کي ٺهندي 56 سال ٿي ويا آهن. انهن 56 سالن ۾ هوڇهه دفعا اقتدار ۾ آئي آهي. سڀ کان پهرين ذوالفقار علي ڀٽو صاحب پورا پنج سال اقتدار ۾ رهيو ۽ ان ڪانپوءِ وري بينظير صاحبه به دفعا وزيراعظم ٿي ۽ ٻنهي دورن کي ملائينداسين ته اهي به تقريبن پنج سال ٿي ويندا ۽ 2008ع کان وٺي 2023ع تائين لڳاتار سنڌ ۾ پندرنهن سال حڪومت ڪئي آهي. انهن 56 سالن مان 15 سال اها وفاق ۾ حڪومت ۾ رهي آهي ته وري پورا 25 سال سنڌ ۾ حڪومت ڪئي آهي. هاڻي اها پيپلز پارٽي ٻڌائي ته انهن 25 سالن ۾ سنڌ ۾ جيڪو هن جي منشور جو مشهور ۽ بنيادي نعرو "اٽو، لٽو ۽ اجهو" آهي، ان تي پنهنجي 25 سالن جي حڪومت ۾ ڪيترو عمل ڪيو آهي؟ سنڌ جي ماڻهن کي انهن 25 سالن ۾ "اٽو لٽو ۽ اجهو" مليو آهي يا انهن جي برعڪس انهن کان گهڻو ڪجهه کسيو ويو آهي؟

انهي هر ڏينهن عوام سان عذاب، پر ان سان گڏ پنهنجي صوبي سنڌ ۽ ان جي عوام جا ڪيترا معدني ۽ معاشي وسيلا اقتدار جي حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف ادارن ۽ ڌرين کي ڏنا ۽ ذاتي فائدا حاصل ڪيا. ساڳئي وقت سنڌ ۾ جيڪي پيپلز پارٽي جون مخالف جماعتون آهن، انهن کي بدامني جو ماحول ٺاهي منظور ڪرايو ويو. جيڪڏهن گذريل 75 سالن کان سنڌ ۾ جيڪي به اقتدار ۾ رهيا ۽ انهن صرف عوام جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪم ڪيو ته پوءِ ٻڌايو ته سنڌ ۾ هن وقت ايتري غربت، بيروزگاري، جهالت، بيماريون، مهانگائي ڇو آهي؟ روز ماڻهو پنهنجن معصوم ٻارن سميت خودڪشيون ڇو ٿا ڪن؟ هر طرف مايوسي ڇو آهي؟ سڀ ادارا ڇو تباهه ٿي ويا آهن؟ سنڌ جي تعليم ڇو تباهه آهي؟ سنڌ ۾ صحت جي صورتحال ايتري ڇو خراب آهي؟ ميرٽ جي لتاڙ ڇو آهي؟ ٿوري مينهن پوڻ سان سڄي سنڌ ڇو ٻڏي ٿي وڃي؟ عوام کي نه صرف اربين رپين جو نقصان ٿئي ٿو ته پر انهن جا ته اجها به لڙهي ويندا آهن ۽ اهي بي يارو مددگار ٿيو پيا هلندا آهن. واهن، ڪئنالن، سم نالن، ۽ ڊرينيج جي صفائي لاءِ جيڪي اربين رپيا اچن ٿا، اهي ڪيڏانهن وڃن ٿا؟ پر چاڪاڻ ته اسان وٽ اقتدار ۾ رهندڙ پارٽين، انهن جي نمائندن ۽ اڳواڻن کان پڇڻ جو رواج ئي نه رهيو آهي، انهن کان پوليٽيڪل آڊٽ تحت پڇاڻو ٿيوئي ناهي، تنهن ڪري اهي هر دفعي چوند وقت وڏا ۽ پرڪشش نعرا هڻي گهر ٿي ويندا آهن ۽ پويان عوام وري ٿئين سر پيو عذاب ڪي منهن ڏيندو آهي.

هاڻي جڏهن کان سوشل ميڊيا جو دور آيو آهي ۽ وقت گذرڻ سان گڏ ماڻهن ان پليٽ فارم تي پنهنجي علائقي ۽ تڪ جي مسئلن کي پڻ ڪٿڻ شروع ڪيو آهي ۽ سوين ماڻهو پنهنجي علائقي ۽ تڪ جا مسئلا نه صرف اتي رکن ٿا پر ساڳئي وقت پنهنجي تڪ ۽ علائقي جي ايم اين اي يا ايم پي اي کان ان بابت پڇاڻو پڻ ڪري رهيا آهن. جيتوڻيڪ اهڙي قسم جي شروعات ته 2013ع جي چونڊن وقت ٿي هئي ۽ 2018ع جي چونڊن وقت به ڪيترا اهڙا ڪلپ سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيا، جن ۾ ڏٺو ويو ته ماڻهو پنهنجي علائقي جي نمائندي کان سخت سوال پڇي رهيا هئا. پر هن دفعي 2024ع ۾ ٿيندڙ چونڊن جي حوالي سان گذريل مهيني کان وٺي سنڌ جي ڪيترن علائقن ۾ ماڻهو خاص طور تي پنهنجي تڪ جي ايم پي اي يا ايم اين اي کان سوال پڇي رهيا آهن، خاص طور تي انهن کان، جيڪي گذريل ڪيترن سالن کان اقتدار ۾ رهيا آهن. جنهن ۾ گهڻي قدر سوال پنهنجي ذاتي ڪمن ڪارن يا علائقي ۾ ڪم نه ٿيڻ جي حوالي سان ڪري رهيا آهن ۽ ان بابت ٿي پڇا ڪري رهيا آهن. يا جن نمائندن پنهنجي ووٽرن سان جيڪي وعدا ڪيا هئا، انهن واعدن متعلق ته ڪي پڇي رهيا آهن ۽ ان سان گڏ اهي ويڊيوز به نمائندن کي ڏيکاري رهيا آهن، جن ۾ ووٽرن سان واعدو ڪيو ويو هو ته چونڊن ۾ ڪامياٻي ڪانپوءِ توهان جا هي هي ڪم ڪيا ويندا. پر ان مان ڪو به نه ٿيو ته ان تي ماڻهن جو جهڙو سوال ڪري ٿو ۽ سوشل ميڊيا تي ان کي سوين هزارين ماڻهو ڏسن ٿا. اهڙي قسم جي ڪلچر يا ماڻهن جي جيتري تعريف ڪجي اها گهٽ آهي. چونڊن کان گهٽ اسان جا ماڻهو هاڻي ايڏي جو سمجهي ويا آهن ته ڪهڙا اميدوار ڪي جوابدار سمجهي ان کان سوال ڪري ٿو.

ان کي پنهنجا واعدا ۽ وچن ياد ڏياري ٿو ان کي پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ آيل ٻوڏ ۽ ٻئي عذاب جو نه صرف سبب پڇي ٿو پر ان عذاب واري گهڙيءَ ۾ توهان اسان عوام ڏي لڙي به نه آيا، اهو به پڇي ٿو هاڻي جڏهن اهو پوليٽيڪل آڊٽ وارو ڪلچر سوشل ميڊيا تي شروع ٿيو آهي ته اهو هاڻي ڪنهن به صورت ۾ بند نه ٿيندو ۽ ڏينهون ڏينهن ان ۾ تيزي ايندي. جيتوڻيڪ هن وقت عوام جي گهڻائي صرف پنهنجي تڪ ۽ علائقي جي مسئلن متعلق لاڳاپيل نمائندي کان پڇي ٿي پر اها هڪ ڏينهن انهن کان اهو به پڇندي ته توهان اسان سان واعدو ڪريو ته سياڻي چونڊن ۾ ڪاميابي ڪانپوءِ جڏهن سنڌ اسيمبليءَ يا قومي اسيمبليءَ ۾ ويندا، اتي سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مفادن خلاف ٿيندڙ ڪنهن قانوني سازي جو حصو نه ٿيندا؟ ڪارپوريٽ فارمنگ جي خلاف عوام جو آواز ٻڌجي پارليامينٽ ۾ ڳالهائيندا؟ سنڌ جي معدني وسيلن کي تين وال ٿيڻ نه ڏيندا؟ سنڌي عوام جي گذرجي وسيلن تي ڌاڙا هڻڻ نه ڏيندا؟ سنڌ ۾ ميرٽ کي هٿي ڏيڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا؟ سنڌ جي عوام جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪردار ادا ڪندا؟ ڪارونجهر جو تحفظ ڪندا؟ سچ ته عوام جي اهڙي قسم جي پڇاڻي، جرئت ۽ همت ڪانپوءِ هي هر وقت اقتدار ۾ رهندڙ ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز ايترا ته خوفزده ٿي ويا آهن، جو جتي وڃن ٿا اتي چون ٿا ته مهرباني ڪري جيڪي سوال ڪرڻا آهن اهي ڪريو. جيڪو چوڻو اٿو اهو چئو پر مهرباني ڪري سوشل ميڊيا تي اسان کي ائين عوام آڏو خوار نه ڪريو. ڪيترن موقعن تي ڏنو ويو آهي ته ماڻهن کان انهن جا موبائيل ڦريا ويا آهن ۽ انهن کي ڌمڪيون پڻ ڏنيون ويون آهن. ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هي اسان جو اقتدار پرست اشرافيه طبقو پوليٽيڪل آڊٽ کان ڪيترو پري ڀڄي رهيو آهي، پر هاڻي اهڙو هٿيار هرهنڌ عوام جي هٿ ۾ آهي ۽ احتساب جو هڪ اڻ کٽ سلسلو شروع ٿي ويو آهي، جنهن ۾ وقت جي گذرڻ سان گڏ يقيني طرح تيزي ٿي ايندي ويندي!

هي آرٽيڪل پنهنجي اخبار جي ٿورن سان پيش ڪجي ٿو
اداري جو هن آرٽيڪل سان متفق هجڻ ضروري ناهي

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا:
جانِبَ! منهنجي جِيءَ ۾ آزرَ جا آنوا:
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضن کي.

جمهوري جماعتن کي عظيم مفاد ۾ متحد ٿيڻو پوندو

تحرير: الاهي بخش چاچڙ

پاڪستان جي سياسي منظر نامي تي ڪيترن ئي سالن کان جمهوري سياسي پارٽين جي حڪمراني رهي آهي. جمهوريت ۽ پاڪستان جي بهتري لاءِ پنهنجي گڏيل وابستگي جي باوجود، اهي پارٽيون اڪثر پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ ۾ رڪنديون پئي آيون آهن. اهو لاڙو هاڻوڪي دور ۾ خاص طور تي واضح ٿي رهيو آهي. وڏيون سياسي پارٽيون ملڪ کي درپيش اهم مسئلن کي حل ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ بدران سياسي رساڪشي ۾ مصروف آهن.

هن تڪراري سياست ۾ ليڊر اڪثر ڪري پنهنجن پارٽين يا ملڪ جي مفادن تي پنهنجي مفادن کي اوليت ڏيندا آهن.

عوام تي هن تڪرار جو اثر شايد سڀ کان اهم آهي. مسلسل سياسي عدم استحڪام ۽ غير يقيني صورتحال عوام ۾ عدم تحفظ ۽ بي اعتمادي جو احساس پيدا ڪري ڇڏيو آهي. ان سان سماجي هم آهنگي ۾ ٽڪراءَ ۽ فرقيواراڻي چڪتاڻ ۾ اضافو ٿيو آهي، جنهن ۾ مذهبي ۽ نسلي اقليتون اڪثر تشدد ۽ جبر جو نشانو بڻجن ٿيون. سياسي تڪرار پڻ جمهوري ادارن تي عوام جي اعتماد ۾ گهٽتائي جو سبب بڻيو آهي.

ڪاروبار ۽ معيشت تي هن تڪرار جو اثر پڻ اهم آهي. سياسي عدم استحڪام سيڙپڪاري ۽ ڪاروبار لاءِ تباهي وارو ماحول پيدا ڪيو آهي. ان جي ڪري معاشي ترقي ۽ روزگار جي پيداوار ۾ گهٽتائي آئي آهي. ڪيترن ئي نوجوانن کي روزگار جا موقعا محدود ڪرڻ ۾ ڏکيائي محسوس ٿي رهي آهي. سياسي تڪرار پڻ ڪرپشن ۽ بدعنواني ۾ اضافي جو سبب بڻيو آهي.

درآمدات ۽ برآمدات تي ان تڪرار جو اثر پڻ اهم رهيو آهي. سياسي عدم استحڪام جي ڪري پرڏيهي سيڙپڪاري ۽ واپار ۾ گهٽتائي آئي آهي. ڪيترن ئي ملڪن معاشي خطرن ۽ غير يقيني صورتحال جي ڪري پاڪستان سان ڪاروبار ڪرڻ کان پاسو ڪيو آهي. ان جي ڪري برآمدات ۾ گهٽتائي ۽ درآمدات ۾ اضافو ٿيو آهي. جنهن سان پاڪستان وڌ کان وڌ پرڏيهي امداد تي انحصار ڪندڙ پيو وڃي. سياسي تڪرار پڻ بنيادي ڍانچي جي ترقي ۽ سارسنڀال ۾ گهٽتائي جو سبب بڻيو آهي.

سياسي عدم استحڪام معاشي ترقي ۽ ترقي ۾ گهٽتائي جو سبب بڻيو آهي. ڪيترن ئي اهم شعبن جهڙوڪ زراعت، صنعت، ۽ خدمتن کي برقرار رکڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻي پئجي رهي آهي. سياسي تڪرار پڻ افراط زر ۾ اضافو ۽ صارفين جي اعتماد ۾ گهٽتائي جو سبب بڻيو آهي. ڪيترن ئي سرمائيدار طبقي غيريقيني صورتحال جي ڪري خرچ ڪرڻ بجاءِ پنهنجا پئسا بچائڻ جو انتخاب ڪيو آهي. سياسي تڪرار پڻ سماجي ڀلائي جي پروگرامن ۽ خدمتن ۾ گهٽتائي جو سبب بڻيو آهي. ڪيترن ئي ماڻهن کي بنيادي گهرجن جهڙوڪ صحت، تعليم، ۽ رهائش تائين رسائي ڏکيو پئجي رهيو آهي.

ان صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ، جمهوري پارٽين جي هڪ ٻئي سان ڪم ڪرڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي انداز ۾ بنيادي تبديلي جي ضرورت آهي. اها تبديلي لازمي طور تي ڳالهين، سمجهوتي ۽ تعاون جي عزم تي ٻڌل هجي. جمهوري سياسي پارٽين کي اهو سمجهڻ گهرجي ته اهي سڀ هڪ وڏي برادري جو حصو آهن ۽ انهن جي عملن ۽ فيصلن جا نتيجا وسيع سماج لاءِ آهن. انهن کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته انهن جي ذميواري آهي ته ملڪ کي درپيش اهم مسئلن جهڙوڪ غربت، عدم مساوات ۽ ڪرپشن کي ختم ڪرڻ لاءِ، پنهنجو ڪردار ادا ڪن. بجاءِ ذاتي فائدن لاءِ سياسي ويڙهه ۾ مشغول ٿيڻ جي.

ان تبديليءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ نئين سياسي ڪلچر جي ضرورت آهي جيڪا شفافيت، احتساب ۽ سٺي حڪمراني تي زور ڏئي. هي ثقافت قانون جي حڪمراني، انساني حقن جي تحفظ، ۽ سماجي انصاف جي واڌاري جي عزم تي ٻڌل هجڻ گهرجي. اهو پڻ لازمي طور تي جمهوري ادارن جهڙوڪ عدليه، ميڊيا ۽ سول سوسائٽي جي اهميت کي تسليم ڪرڻ تي ٻڌل هجڻ گهرجي. سياسي پارٽين کي احتساب ۾ رکڻ ۽ يقيني بڻائڻ ته اهي وسيع برادري جي بهترين مفادن ۾ ڪم ڪن.

هن نئين سياسي ڪلچر کي هٿي وٺرائڻ لاءِ، نئين نسل جي اڳواڻن جي ضرورت آهي، جيڪي جمهوريت، سماجي ڀلائي ۽ معاشي ترقيءَ جي اصولن تي پابند هجن. انهن اڳواڻن کي پنهنجي ذاتي عزائم ۽ سياسي موقعي پرستي جي بجاءِ وسيع برادريءَ جي مفادن کي اڳيان رکڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. انهن کي ملڪ کي درپيش اهم مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ٻين جمهوري پارٽين سان ڳالهه ٻولهه، سمجهوتي ۽ تعاون ۾ پڻ شامل ٿيڻ گهرجي.

پاڪستان ۾ جمهوري پارٽين جي وچ ۾ تڪرار سماج جي مختلف حصن، ڪاروبار، درآمد، برآمدات ۽ معيشت تي اهم اثر ڇڏيو آهي. هن تڪرار ماڻهن ۾ عدم تحفظ ۽ بي اعتمادي جو احساس پيدا ڪيو آهي، معاشي ترقي ۽ ترقي ۾ زوال جو سبب بڻيو آهي، ۽ بدعنواني ۽ بدانتظامي ۾ اضافو ٿيو آهي. ان صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ، جمهوري پارٽين جي هڪ ٻئي سان ڪم ڪرڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي طريقي ۾ بنيادي تبديلي جي ضرورت آهي. هي تبديلي لازمي طور تي ڳالهين، سمجهوتي، ۽ تعاون جي عزم تي ٻڌل هجڻ گهرجي، ۽ هڪ نئين سياسي ڪلچر جي رهنمائي ڪرڻ گهرجي جيڪا شفافيت، احتساب، ۽ سٺي حڪمراني تي زور ڏئي ٿي. اهو صرف وسيع برادري جي بهترين مفادن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ سان آهي ته جمهوري پارٽيون پاڪستان کي درپيش اهم مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ ان جي سڀني ماڻهن جي روشن مستقبل کي يقيني بڻائڻ جي اميد ڪري سگهن ٿيون.

پاڪستان جي سياسي منظر نامي تي ڪيترن ئي سالن کان جمهوري سياسي پارٽين جي حڪمراني رهي آهي. جمهوريت ۽ پاڪستان جي بهتري لاءِ پنهنجي گڏيل وابستگي جي باوجود، اهي پارٽيون اڪثر پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ ۾ رڪنديون پئي آيون آهن. اهو لاڙو هاڻوڪي دور ۾ خاص طور تي واضح ٿي رهيو آهي. وڏيون سياسي پارٽيون ملڪ کي درپيش اهم مسئلن کي حل ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ بدران سياسي رساڪشي ۾ مصروف آهن.

بقايا 01

اجلاس جي صدارت ڪرڻ ڪانپوءِ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو. ان موقعي تي گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز، وزير اطلاعات احمد شاهه ۽ وڏي وزير جو خاص مددگار ايڊووڪيٽ معيز بيگ به ساڻس گڏ هئا. وڏي وزير چيو ته سنڌ ۾ 61 قومي ۽ 130 صوبائي اسيمبلين جي سيٽن تي عام چونڊون ٿي رهيون آهن. هن وڌيڪ چيو ته 19006 پولنگ اسٽيشنون هونديون جن مان 6531 حساس ۽ 6496 انتهائي حساس آهن. هن چيو ته مون چيف سيڪريٽري، آءِ جي پوليس ۽ ڊي جي رينجرز سان تفصيلي ملاقاتون ڪيون آهن جنهن ۾ سمورن ڊويزنل ڪمشنرن، ڊي آءِ جيز ۽ صوبائي اليڪشن ڪمشنر سنڌ شرڪت ڪئي. ۽ وڌيڪ چيو ته امن امان جي مجموعي صورتحال، اٿهوند سهولتن جي فراهمي ۽ ضرورت پوڻ تي سيڪيورٽي اهلڪارن جي فراهمي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وڏي وزير چيو ته سيڪيورٽي آڊٽ ڪانپوءِ پوليس 109000 پوليس فورس مڪمل ڪئي ۽ 105000 اهلڪار موجود آهن ۽ 4000 پوليس اهلڪارن جي کوٽ آهي جنهن کي صوبائي حڪومت جي معاون فورسز جهڙوڪ اينٽي انڪروچمينٽ فورس، ايڪسائيز پوليس، اينٽي ڪرپشن سول ڊفينس، فرنٽيئر ڪانسٽيبلري ذريعي پوري ڪئي ويندي. هن چيو ته پوليس کان علاوه 10 هزار رينجرز ۽ 14 هزار پاڪ فوج جا جوان به اليڪشن ڊيوٽي سرانجام ڏيندا. وڏي وزير چيو ته اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پوليس اهلڪارن کي ماسٽر ٽرينرز طور تربيت ڏني آهي ۽ اهي (ماسٽر ٽرينرز) ٻين اهلڪارن ۽ معاون فورس کي وڌيڪ تربيت ڏيندا. هن وڌيڪ چيو ته سي پي او ۾ اليڪشن سيل قائم ڪيو ويو آهي جيڪو 24 ڪلاڪ ڪم ڪري رهيو آهي جتي شڪايتن جو ازالو معلومات وٺڻ ۽ ٻيا لاڳاپيل معاملا اڪلايا ويندا. ۽ سي پي او ۾ هڪ اضافي ڪنٽرول روم پڻ قائم ڪيو ويو آهي جيڪو گهرو معاملن واري وزارت جي ڪنٽرول روم سان ويجهي رابطي ۾ هو هڪ سوال جي جواب ۾ وڏي وزير چيو ته گذريل چونڊن دوران جن ضلعن ۾ چڪتاڻ هئي انهن ضلعن کي حساس قرار ڏنو ويو آهي جتي چونڊن واري ڏينهن صورتحال معمول تي رکڻ لاءِ ضروري قدم کنيا ويا آهن. هڪ سوال جي جواب ۾ وڏي وزير چيو ته نظرثاني اجلاس ۾ ڪيس ڪمشنرن کان انهن اسڪولن جي مرمت بابت آگاهي ڏني جتي پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون پيون وڃن. هن وڌيڪ چيو ته لڳ ڀڳ سمورن اسڪولن جي عمارتن جي مرمت ٿي چڪي آهي ۽ ضروري سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن جڏهن ته چيف سيڪريٽري کي حڪم ڏنو ويو آهي ته هو سمورن ڪمشنرن کان اسڪولن جي مرمت لاءِ سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري. هڪ ٻئي سوال تي وڏي وزير چيو ته صوبائي اليڪشن ڪمشنر ڪيس اجلاس ۾ ٻڌايو ته بيلٽ پيپرز جي ڇپائي شروع ڪئي وئي آهي. هن چيو ته بيلٽ پيپرز کي محفوظ طريقي سان مقرر وقت تي منزل تائين پهچائڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي مدد ڪنداسين. وڏي وزير چيو ته صوبائي اليڪشن ڪمشنر شريف الله ڪيس ٻڌايو ته 8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن جا انتظام مڪمل آهن ۽ صوبائي، ڊويزنل ۽ ضلعي انتظاميا اليڪشن ڪميشن کي هر ممڪن مدد فراهم ڪري رهي آهي. وڏي وزير ميڊيا کي ٻڌايو ته چونڊ عملي کي فراهم ڪيل گاڏيون سٺي حالت ۾ آهن. هن چيو ته اسان سمورن پولنگ اسٽيشنن تي بجلي، ٽرانسپورٽ، مناسب سيڪيورٽي، پاڻي، صفائي سٿرائي ۽ ٻين سهولتن جي فراهمي کي به يقيني بڻائينداسين ۽ وڌيڪ چيو ته پولنگ اسٽيشنن جي جوڙاري ايمبولينس، فائر ٽينڊر ۽ ضروري سامان سان ليس ڊاڪٽر ۽ سنڌن ٽيمون مقرر ڪيون وينديون. وڏي وزير ميڊيا کي ٻڌايو ته صوبائي اليڪشن ڪمشنر سنڌ حڪومت پاران فراهم ڪيل سهڪار، ضروري مدد ۽ سهولتن کان مطمئن آهي. آخر ۾ هن چيو ته اسان وقت بوقت انتظامن جو جائزو وٺندا رهنداسين ته جيئن سمورن معاملن کي محفوظ ۽ صحيح طريقي سان سرانجام ڏنو وڃي.

بقايا 02

ميدان ۾ آهي ۽ هن جي ڊي اي اميدوار طور نامزدگي ڪاغذ واپس نه ورتا آهن. هڪ ئي وقت هڪ چونڊ نشان هڪ سياسي جماعت جي ٻن اميدوارن کي الاٽ نه ٿو ڪري سگهجي. پارٽي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ ۽ چونڊ نشان الاٽمينٽ جا مرحلا مڪمل ٿي چڪا آهن. جي ڊي اي اميدوار کي اڳ ئي چونڊ نشان الاٽ ٿي چڪو آهي. ان مرحلي تي نظرثاني نه ٿي ڪري سگهجي

بقايا 03

ڪوشڪار ڪري، سڀ ڪجهه تيار ٿئي ته بادشاهه اچي وڃي. هن چيو ته اهو شينهن عوام جو رت چوسيندو آهي. چوٿون ڀيرو وزيراعظم بڻجڻ جي خواهش رکندڙ چئي ٿو ته اجا منشور تيار ٿي رهيو آهي. اها ساڳي ضياءَ الحق واري پراڻي جماعت آهي. نواز شريف هارائڻ ڪانپوءِ واپس لنڊن هليو ويندو. سنڌس چوڻ هو ته جيڪي چوندا هئا پنجاب ۾ پ پ موجود ناهي اهي ڏسي ڇڏين. اقتدار ۾ اچي ڏهه نڪاتي ايجنڊا تي عمل ڪنداسين.

بقايا 04

ڏينهن کان چئي رهيو آهيان ته صاف شفاف چونڊون ڪرايون وڃي. عوام جنهن کي چاهي ان کي آڻي. هن چيو ته 9 مئي جو الزام اسان تي هنيو ويو پر اسان ڪو قانون نه ٽوڙيو. جڏهن مون کي گوليون لڳيون تڏهن به ڪو احتجاج نه ٿيو هو سندس چوڻ هو ته اسان ڪنهن به صورت ۾ بلاول ڀٽو زرداري جي مدد نه ڪنداسين. هو مدد انهن کان گهري. جن سان گڏجي حڪومت ڪيائين. اهي اڄ هڪٻئي جا مخالف ٿي ويا آهن پر اندران هڪ ئي آهن.

بقايا 05

جو اتفاق آهي. اسلام آباد ۾ سيمينار کي خطاب ڪندي مرتضيٰ سولنگي چيو ته اليڪشن ڪميشن ضابطا جاري ڪيا آهن. ميڊيا اليڪشن ڪميشن جي ضابطن کان ضرور آگاهه هجي. چونڊن بابت بي بنياد پروپيگنڊا ڪئي پئي وڃي. 8 فيبروري تي چونڊن بابت ڪيترن ئي ماڻهن اڳڪٿيون ڪيون. هن چيو ته وفاقي حڪومت پنهنجو موقف مستقل مزاجي سان پيش ڪيو. ملڪ وفاقي پارلياماني جمهوري نظام تي هلندو ۽ ان تي سڀني جو اتفاق آهي. سنڌس چوڻ هو ته 18هين ترميم ۾ آرٽيڪل 224 ۾ ترميم ڪري نگران حڪومتن جو نظام آندو ويو. پارلياماني نظام ۾ قانون سازي سان بهتري آڻي سگهجي ٿي. عوام وٽ اختيار هجڻ گهرجي ته اهي پنهنجي چونڊيل نمائندن کي جوابده بڻائين.

بقايا 06

جا اختيار عارضي طور تي بحال ڪري ڇڏيا آهن. چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عامر فاروق ۽ جسٽس طارق محمود جهانگيري تي ٻڌل 2 رڪني بينچ ڊي سي اسلام آباد جا ايم پي او آرڊر جاري ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا. هاءِ ڪورٽ ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد کي ايم پي او آرڊر جاري ڪرڻ کان روڪڻ جو سنگل بينچ جو فيصلو معطل ڪندي فيصلي جي خلاف چيف ڪمشنر ۽ ٻين جي اپيل تي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو عدالت حڪم امتناع جي درخواست تي ڊي سي اسلام آباد جا اختيار عارضي طور تي بحال ڪري ڇڏيا. ياد رهي ته جسٽس بابر ستار ڊي سي اسلام آباد کي ايم پي او آرڊر جاري ڪرڻ جو اختيار غيرقانوني قرار ڏنو هو سنگل بينچ جي فيصلي خلاف چيف ڪمشنر، گهرو سيڪريٽري انٽرا ڪورٽ اپيل داخل ڪري رکي آهي جنهن تي عدالت ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري رکيا آهن.

بقايا 07

کي سيالڪوٽ ۾ مسجد ٻاهران قتل ڪيو ويو هو شاهد لطيف جي قتل ۾ پارٽي ايجنٽ ملوث آهن. پارٽي ايجنٽ شاهد لطيف جي قتل جو اعتراف ڪيو آهي. شاهد لطيف کي قتل ڪرڻ لاءِ مقامي ماڻهن جون خدمتون ورتيون ويون. هن چيو ته گذريل سال پاڪستاني شهري محمد رياض کي به راولاڪوٽ ۾ مسجد ۾ قتل ڪيو ويو هو. پارٽي ايجنٽ اجرتي قاتل ذريعي محمد رياض کي قتل ڪرايو. سيڪيورٽي فورسز اجرتي قاتل کي گرفتار ڪيو جنهن ڏوهه جو اعتراف ڪيو. پارٽي ايجنٽ دهشتگردي ۽ ٻين وارداتن ۾ به ملوث نڪتا. سنڌس چوڻ هو ته عالمي سطح تي ڀارت جو گهيرو ڪرڻ گهرجي. اسان وٽ پاڪستان ۾ پارٽي ايجنٽن جا تفصيل موجود آهن. پن ڪيسن جا تفصيل شيئر ڪنداسين. ڪجهه ڪيس اڃا جاچ هيٺ آهن. جاچ ۾ خبر پئي ته پارٽي ايجنٽ يوگيش ڪمار ان ۾ ملوث آهي. اشوڪ ڪمار ۽ يوگيش ڪمار پارٽي ايجنٽن ذريعي ڪارروائي ڪرائيندا هئا. سهولتڪارن ذريعي انهن ايجنٽن جي خبر پئي. پرڏيهي سيڪريٽري چيو ته ڪينيڊا ۽ آمريڪا ۾ به اهڙائي ڪيس سامهون آيا آهن. ڀارت کي عالمي سطح تي ان جو جواب ڏيڻو پوندو. پاڪستاني سرزمين تي ڀارت جي ڪارروائي ملڪ جي خود مختياري جي ڀڃڪڙي آهي. سائرس سجاد قاضي چيو ته پارٽي ايجنٽن جا اعترافي بيان به آهن. جيڪي هن وقت اسان جي تحويل ۾ آهن. اسان وٽ فنانشل ٽرانزيڪشنز جا ثبوت به موجود آهن. انهن ايجنٽن جا پاسپورٽ نمبر ۽ سچائپ شيئر ڪئي ويندي. رڳو اسان نه پيا چئون پر ڪينيڊا ۽ آمريڪا به اهڙي قسم جي ڪارروائين جي نشاندهي ڪئي.

بقايا 08

جن 15 سال حڪومت ڪئي پر انهن وٽ ٻڌائڻ لاءِ 15 منصوبا ناهن. پنهنجي چونڊ تڪ اين اي 119 سنگهه پورا لاهور ۾ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته مان نواز شريف جا 1500 منصوبا ٻڌائي سگهان ٿي. پنجاب جي عوام کي نواز شريف تي تنقيد برداشت ناهي. ن ليگ کانسواءِ سڀ جماعتون اهڙيون آهن. جن ڪجهه نه ڪيو. ٻيون جماعتون رات ڏينهن تنقيد ڪنديون آهن ۽ الزام هڻنديون آهن. هن چيو ته هڪ شخص پنجاب ۾ چئي رهيو آهي ته نواز شريف اڃا تائين منشور ناهي ڏنو. نواز شريف اينڊڙ ڏينهن ۾ منشور ڏيندو. مون کي احساس آهي ته مون کي رات ڏينهن توهان جي خدمت ڪرڻي آهي. نواز شريف جيڪو منشور ڏنو هو ان تي عمل به ڪيو. نواز شريف عوام جي مينڊيٽ تي ڪم ڪرايو. جتي مينڊيٽ نه مليو اتي به ڪم ڪرايو سنڌس چوڻ هو مان اها اميدوار ناهيان. جنهن کي ماڻهو پرچي تي لکي ڏيندا آهن ته هي مسئلو آهي، مان اها آهيان جيڪا پتو ڪري آئي آهيان ته تڪ جا ڪهڙا مسئلا آهن. منهنجو وس پڄي ته تڪ جو هر در ڪڙڪائي پڇان ته ڪهڙا مسئلا آهن. اسان هي ملڪ ڇڏي نه ويندا سين

بقايا 09

ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي . عدالت سڳوري ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي نامزد اميدوار صنم جاويد طرفان نامزدگي ڪاغذ رد ٿيڻ جي خلاف اپيلون داخل ڪيون ويون آهن. ياد رهي ته صنم جاويد جا قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 119، اين اي 120 ۽ صوبائي اسيمبلي جي تڪ پي پي 150 تان نامزدگي ڪاغذ رد ٿيا هئا. ٻئي طرف قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 163 تان شوڪت بسرا به اپيل داخل ڪري ڇڏي آهي. اپيلن ۾ درخواستگذارن اليڪشن ٽربيونلز جي فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي آهي.

بقايا 10

بهاوالدين ۾ جلسي کي خطاب ڪندي شهباز شريف چيو ته جڏهن نواز شريف کي ٽوهان 2013 ۾ اڪثريت ڏني ته ڌرڻو شروع ٿي ويو. پوءِ سازش ذريعي 2017 ۾ نواز شريف جي حڪومت ختم ڪئي وئي. اهو سڀ قوم کي ياد آهي. هن چيو هڪ سياستدان چئي ٿو ته جيڪڏهن حڪومت ملي ته سڀني سياسي قيدين کي آزاد ڪندس. ان کي صلاح آهي ته ذاتي جيلن جي خاتمي جو به اعلان ڪري. جتي ماڻهن تي تشدد ٿيندو آهي ۽ انهن کي قيد ۾ رکيو ويندو آهي. اهو به ٻڌائي ڇڏيان ته نواز شريف جي 2013 کان 2018 جي دور ۾ ڪو سياسي قيدي نه هو

بقايا 11

رشيد کي پوليس 16 جنوري تي 9 مئي واقعن ۾ ضمانت رد ٿيڻ کان پوءِ گرفتار ڪيو هو سندس خلاف گجهي اداري جي آفيس تي حملي جو ڪيس داخل ٿيل آهي عدالت شيخ رشيد کي جوڊيشل ريمانڊ تي اڊيالا جيل اماڻيو هو جتي خميس جي صبح ان جي طبيعت اوچتو خراب ٿي وئي جنهن تي کيس راولپنڊي جي انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيالوجي منتقل ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب راولپنڊي انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيالوجي ۾ شيخ رشيد جو مڪمل طبي معائنو ڪيو ويندو ۽ ڊاڪٽرن جي مشوري کان پوءِ ئي کيس جيل منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويندو.

بقايا 12

گوهر اعجاز جي وچ ۾ ملاقات ٿي. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي ڊاڪٽر گوهر اعجاز کي گهرو وزارت جو قلمدان سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني. ملاقات ۾ ٻنهي اڳواڻن 8 فيبروري جي عام چونڊن جي تيارين جو جائزو ورتو ۽ سيڪيورٽي انتظامن کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ قدمن تي غور ڪيو. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته چونڊون پرامن ۽ شفاف طريقي سان منعقد ڪرڻ جي لاءِ حڪومت سمورا ممڪن قدم کڻي رهي آهي. سيڪيورٽي انتظامن کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ مڪمل تعاون آهي. ملاقات ۾ چونڊن دوران ميڊيا جي ذميوارين بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ٿي. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته چونڊن کي شفاف منصفاڻو بڻائڻ ۾ ميڊيا جو اهم ڪردار آهي. ميڊيا چونڊ ضابطا اخلاق تي عملدرآمد ڪري. هن چيو ته چونڊن ۾ ڪنهن به قسم جي اشتعال انگيزي ۽ پروپيگنڊه کان پاسو ڪيو وڃي. ان موقعي تي ڳالهائيندي نگران وفاقي گهرو وزير چيو ته سمورين سياسي پارٽين چونڊن ۾ امن امان کي برقرار رکڻ ۾ حڪومت جو ساٿ ڏين. هن چيو ته چونڊن دوران امن امان هر صورت ۾ برقرار رکيو ويندو. ملاقات ۾ اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي سيڪريٽري شاهيره شاهد ۽ ڊائريڪٽر جنرل ريڊيو پاڪستان سعيد احمد شيخ پڻ موجود هئا.

بقايا 13

ايپ به تيار ڪئي وئي آهي. سڄي ملڪ ۾ دڪاندارن کي ٽيڪس نيٽ ۾ آڻڻ لاءِ اسڪيم تيار ڪئي وئي آهي. ريٽيلرز تي ايف بي آر ٽيڪس لڳائڻ لاءِ اسڪيم تيار ڪئي آهي. ايف بي آر ذريعن موجب چونڊن کان اڳ واپارين لاءِ ريٽيلر اسڪيم متعارف ڪرائي ويندي. واپارين جي رجسٽريشن لاءِ "تاجر دوست" موبائل ايپ تيار ڪئي وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ٽيڪس نيٽ کان ٻاهر واپارين کي دوست ايپ ذريعي رجسٽرڊ ڪيو ويندو. دوست ايپ ذريعي دڪاندارن جي آمدني جو رڪارڊ ايف بي آر کي وصول ٿيندو. دڪاندارن تي ساليانو آمدني موجب ٽيڪس لاڳو ٿيندو. جيڪو ماهوار بنيادن تي وصول ڪيو ويندو. اسلام آباد، ڪراچي، لاهور، پشاور، ڪوئيٽا ۾ ريٽيلرز تي ٽيڪس لڳائي 100 ارب رپيا روينيو حاصل ڪرڻ جو امڪان آهي. ٻئي مرحلي ۾ ٻين شهرن جي واپارين لاءِ اسڪيم ۾ رجسٽريشن شروع ڪئي ويندي ۽ سڄي ملڪ ۾ ريٽيلرز تي ٽيڪس لاڳو ڪرڻ سان تقريبن 300 اربن کان وڌيڪ آمدني جو امڪان آهي.

بقايا 14

ذريعن موجب گرفتار ٿيل دهشتگرد 2007 کان 2014 تائين ٽي ٽي پي نيٽ ورڪ جو حصو هو ۽ سنگين ڏوهن ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي گهربل هو. ذريعن موجب دهشتگرد ڪراچي ۾ دهشتگردي جي ڪارروائين جي منصوبه بندي ڪري رهيا هئا. جن کي انٽيليجنس ايجنسيز ڪارروائي ڪندي ڪراچي مان گرفتار ڪري ورتو دهشتگردن کي افغانستان مان تحريڪ طالبان پاڪستان جي قيادت جي سرپرستي لاءِ منظر ڪيو ويو هو. دهشتگرد سوات ۽ مالاڪنڊ ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ اين جي اوز تي حملن ۾ ملوث هئا. ان کان علاوه ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي به حملن ۾ ملوث هئا. نيٽ ورڪ ڀتہ خوري ۽ اغوا براءِ تاوان ذريعي فنڊ گڏ ڪندو هو. انهي نيٽ ورڪ مدرسي ۾ آبگهاتي بمبارن کي به پناهه ڏني هئي جن کي دهشتگردي جي مختلف سرگرمين ۾ استعمال ڪيو ٿو.

بقايا 15

رومن جي سياست ختم ڪري رودن گلين ۾ آندي ۽ عوام کي آواز ڏنو ۽ ووٽ جي اهميت ظاهر ڪئي اڄ به عوام ڀٽي جي ڏالي پويان پ پ سان گڏ آهي يوسي نارو همٿر جي ڳوٺ حاجي فيض محمد مهر ۾ محمد عثمان مهر ۽ نورالدين مهر جي ميزباني ۾ ڪارنر گڏجاڻي جنهن ۾ علائقي واسين پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. عوام کي سيد خورشيد احمد شاهه خطاب ڪندي چيو ته عوامي مسئلن جو حل صرف پيپلزپارٽي وٽ آهي اسان عوام سان واعدو ٿا ڪريون ته ڪين سمورين سهولتون مهيا ڪنداسين ان موقعي تي ڪيترن ئي رهواسين پاران پيپلزپارٽي جي اميدوارن جي حق ۾ مڪمل حمايت جي خاطري ڪرائي هي اليڪشن پوري ملڪ مان کٽي بلاول کي وزيراعظم ڪنداسين. پ پ جي پندرهن سالن

جي دور ۾ سکر ضلعي اندر رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن.صحت، تعليم جي حوالي سان تقريبن هر ڳوٺ ۾ سهولت ملي آهي،هاڻي تعليم صحت، ايگريڪلچر ۽ ٻين شعبن ۾ وڌيڪ سهولتون ڏنيون وينديون پ پ اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه چيو ته شهيد ڀٽي ڊرائينگ رومن جي سياست ختم ڪري رودن گلين ۾ آندي ۽ عوام کي آواز ڏنو ۽ ووٽ جي اهميت ظاهر ڪئي اڄ به عوام ڀٽي جي نالي پويان پ پ سان گڏ آهي،شهيد هن ملڪ کي آئين ۽ جمهوريت ڏني ۽ اٿئر ٻر ڏنوهن جيل ۾ رهي رحم جي اپيل ڪرڻ بجاءِ قاسي جو انتظار ڪيو ۽ پنهنجي ڌي کي هن عوام جو هٿ ڏنو جيڪو عوام اڄ به پ پ سان گڏ آهي پ پ هميشه هيٺين طبقي کي نمائندگي ڏني آهي ملڪ ۾ جيڪڏهن شفاف اليڪشن ٿي ته پ پ وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندي ۽ بلاول وزيراعظم ٿيندو هوڏانهن پروگرام ۾ ملاڻا برادري جي چڱي مڙس حبيب الله ملاڻو، سيد خورشيد احمد شاهه جي هٿ تي پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو ميزبان محمد عثمان مهر، نورالدين مهر ۽ سندس برادري جي نوجوانن پاران سيد خورشيد احمد شاهه پيپلزپارٽي سکر جي اڳواڻ سردار ڊاڪٽر افتاب حسين سومرو، منزل دستگير جي والي پيپلزپارٽي اڳواڻ ميان محمد عابد انڙ جو ڳوٺ فيض محمد مهر ۾ پهچڻ تي دهلن تي رقص ڪري گلن جي ورڪا اجرڪ ۽ ٽوپي جو تحفو پيش ڪيو ۽ وچن ڪيو ته اڻ تاريخ تي تير تي ٺپو هڻي پيپلزپارٽي جي اميدوارن کي ڪامياب ڪنداسين مولاد جتوئي پڻ ادا ڪيا.

بقايا 16

جي ٻڌڻي ٿي. ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل موقف اختيار ڪيو ته سنڌ سرڪار جو سنڌ پريميئر ليگ سان ڪو واسطو نه آهي. سنڌ حڪومت رڳو سهولتون فراهم ڪرڻ جو چيو هو. ايس پي ايل جي وڪيل پنهنجي موقف ۾ چيو ته اڄ کان سنڌ پريميئر ليگ شروع ٿي رهي آهي. ڪروڙين رپين جي سيڙپڪاري ڪئي وئي آهي. درخواستگذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته ٻين صوبن جي رانديگرن کي ليگ کيڏائي پئي وڃي، صوبي ۾ رانديگرن جي ٽرائلز جو چيو ويو پر ٽرائلز نه ورتا ويا. جنهن تي ايس پي ايل جي وڪيل چيو ته پرائيويٽ ماڻهو ليگ ڪرائي رهيا آهن. هر ٽيم ۾ 18 رانديگرن مان 5 رانديگر سنڌ جي ڊوميسائل تي کيڏي رهيا آهن. جڏهن ته پليئنگ اليون ۾ سنڌ جو ڊوميسائل رکڻ وارا به رانديگر شامل هوندا. عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ سنڌ پريميئر ليگ خلاف داخل درخواست رد ڪري ڇڏي.

بقايا 17

۾ بيش ٿيڻ پوءِ صحافين سان ڳالهيون ڪندي اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو ته گذريل حڪومت ۾ به گهڻا دعوت ناما ايندا رهيا. 2 ڏينهن اڳ ڪوآرڊينيٽر حافظ عثمان کي اينٽي ڪرپشن طلب ڪيو سمجهان ٿو ڪوآرڊينيٽر جيڪو پبلڪ آفيس هولڊر ئي نه آهي ان کي طلب ڪرڻ جو مقصد مون کي طلب ڪرڻ آهي. مون اچي پڇيو ته سادي ڪاغذ تي لکيل هو ته ٻن رودن جا ٺيڪا من پسند ٺيڪيدارن کي ڏنا جنهن تي ڪاٽي کان پڇيو ته روڊ ٺهيل ئي نه آهن. هن چيو ته اهي پي ٽي آءِ جي دور ۾ ٺهيا هئا. انهن کي ٻڌايو ته گورنمنٽ ملازم نه آهي نه ئي ٺيڪيدار آهي اها بدنصيبي آهي ته چونڊون ٿي رهيون آهن ۽ اميدوارن کي طلب ڪيو پيو وڃي جنهن ملڪ جون چونڊون تڪراري ٿي وڃن اهو اڳيان نٿو وڌي سگهي. چونڊن کي غير تڪراري بڻائڻ جي ذميواري اليڪشن ڪميشن ۽ نگران حڪومت جي آهي. اهڙيون چونڊون جيڪي ملڪ کي انتشار ڏين ان جو حصو نٿو ٿي سگهان اهڙي معاملي ۾ مان مطمئن آهيان. اڳوڻي وزيراعظم چيو ته چونڊون هڪ آئيني فرض آهي ان کي منعقد ڪرڻ وقت جي حاڪم جي ذميواري آهي چونڊن جي پرواهه نه هوندي ته ملڪ ترقي نه ڪندو نيب ۽ اينٽي ڪرپشن ملڪ جا ڪرپٽ ترين ادارا بڻجي چڪا آهن انهن جو احتساب ڪير ڪندو؟ اهي ٻئي ادارا چونڊن جي جوڙ توڙ جي لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن. 1947ع کان وٺي هينئر تائين ملڪ جو هر اليڪشن چوري ڪيو ويو. هن چيو ته نوٽيس ڏئي گهرائڻ زبردستي ووٽ وٺڻ. ان سان ملڪ نه هلندو 3 وڏيون پارٽيون ناڪام ٿي چڪيون آهن. ڪابه نئين سياسي پارٽي اهڙي ماحول ۾ نه بڻجندي. اڄ به وقت آهي هن چونڊن کي غير تڪراري بنايو. چونڊون شفاف نظر اچن ۽ عوام به مطمئن هجي. هن وقت هر ڪو اهو سوال ڪري رهيو آهي ته ڇا چونڊون ٿي رهيون آهن؟ شاهد خاقان عباسي وڌيڪ چيو ته نواز ليگ سان منهنجو ڪوبه اختلاف نه آهي مان 35 سالن کان نوازليگ سان جڙيل آهيان. سان اهڙي سياست سان اتفاق نٿو ڪريان جتي اڄ مسلم ليگ(ن) بيٺل آهي منهنجي مسلم ليگ(ن) سان ڪابه ناراضگي نه آهي مون ٽڪيٽ جي لاءِ اپلاءِ نه ڪيو ن ليگ جي خلاف ڪابه اليڪشن ناهي وڙهي نوازشريف ملڪ مان واپسي تي مون سان ڪنهن به قسم جو رابطو نه ڪيو آهي.

بقايا 18

بڻجي سگهون ٿا. سنڌ جي معدنيات واري نگران وزير خدا بخش مري ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته حڪمرانن جي نااهلي ۽ نالائقي جي ڪري معدني وسيلا استعمال نه ٿي سگهيا آهن. نگران وزير نقشن.

چارٽس ۽ ڊيٽا ذريعي بريفنگ ڏيندي چيو ته ڀارت سيمي ڪنڊڪٽر ٺاهڻ ناهي رهيو آهي، سيمي ڪنڊڪٽر ٺاهڻ واري معدنيات به اسان وٽ موجود آهي پر اسان نه پيا ٺاهيون. هن چيو ته سنڌ جا ماڻهو هوش کان ڪم وٺن. سريو، گاڏيون ۽ دفاعي سامان تيار ڪرڻ واري شين ۾ استعمال ٿيندڙ معدنيات به اسان وٽ موجود آهي. خدا بخش مري چيو ته پلي منهنجي وزارت هلي وڃي پر سنڌ جي معدنيات بابت پنهنجي موقف تان هٽ نه ڪندس. ڪارونجهر جي ورثو قرار ڏنل حصن کي ڇڏي ٻين هنڌن تان معدنيات ڪڍي سگهجي ٿي.

بقايا 19

ٿو. ڪراچي نفسياتي اسپتال جي گلشن اقبال برانچ جي افتتاح وقت ڳالهائيندي هن چيو ته هڪ بامقصد زندگي گذارڻ لاءِ سٺي جسماني ۽ ذهني صحت ضروري آهي دماغ ۾ ڪيميائي تبديلين ۽ موروثي اثرات جي ڪري ذهني بيماريون جنم وٺن ٿيون. هن چيو ته هر چوٿون ماڻهو ذهني بيمارين ۾ مبتلا آهي انهن ۾ جڏهن شديد بيماري حملو ڪري ٿي ته پوءِ ماڻهو خودڪشين تي پڻ مجبور ٿي ٿا وڃن . پاڪستان ۾ 5_6 ڪروڙ ماڻهو ذهني بيمارين ۾ مبتلا آهن. جنهن مان هڪ اندازي مطابق ته 70 سيڪڙو ماڻهو ڊاڪٽرن وٽ علاج لاءِ نٿا وڃن

بقايا 20

ڪري ڊرٽو هنيو. پهلي ڪارڊز کڻي سخت نعريبازي ڪئي. احتجاج ۾ صدر منظور علي انڙ، مقصود عالم ، سجاد ، اظهر حسين، امتياز ، عمير، سهيل ، الطاف حسين ۽ ٻيا شريڪ هئا. لوئر اسٽاف جي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 30 سالن کان پوءِ 1 کان 4 جي 397 ملازمن کي پروموشن ڏيڻ بعد اڄ نگران وڏي وزير پاران رد ڪيا ويا آهن . سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن پنهنجي جوڙيل اسڪروٽني ڪميٽي جي ڏنل رپورٽ کي اڄ پاڻ ئي رد ڪري ڇڏيو. مظاهرين چيو ته ڪيترن ئي ملازمن جي سروس ختم ٿيڻ واري آهي . ڪيترائي سال نوڪري ڪرڻ باوجود ساڳي گريڊ ۾ رٽائر ٿيڻ وارا آهن ڪين پروموشن نه ٿا ڏنا وڃن. جيڪو سراسر ظلم ۽ ناانصافي آهي.اسان جو مطالبو آهي ته نگران وزيراعلي سنڌ لوئر گريڊ جي ڪل 1474 ملازمن کي پروموشن ڏيڻ وارا آرڊر بحال ڪري . پڪڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 21

امريڪي قومي سلامتي بابت ترجمان جان ڪربي پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته امريڪي ساموندي فوج حوثين طرفان فائر ڪيل 2 ميزائل تباهه ڪيا ويا ۽ هڪ هدف کان ٻري ڪريس جان ڪربي جو چوڻ آهي ته شپنگ جي حفاظت لاءِ وڌيڪ سخت قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. ٻئي پاسي امريڪي سينٽرل ڪمان جو چوڻ آهي ته حوثين جو هدف امريڪي ڪنٽينر شپ هو. حملي ۾ جهاز، ڪارگو ۽ عملي کي نقصان ناهي پهتو. شپنگ ڪمپني جو چوڻ آهي ته ڪنٽينر شپس جي حفاظت تي مقرر امريڪي ساموندي فوج فائر ڪيل ڪيترائي ميزائيل تباهه ڪيا ۽ امريڪي نيوي جهازن جي حفاظت سان بندرگاهه تي پهچايو.

بقايا 22

اليڪشن ڪمشنر جي اسٽاف آفيسر سان لينڊ لائن تي رابطو ڪيو چيف اليڪشن ڪمشنر جي نالي سان جعلي واٽس ايپ ڪالزءِ پيغامن تي اليڪشن ڪميشن ترجمان ردعمل ۾ چيو ته عوام کي خبردار ڪيو آهي ته جعلي واٽس ايپ ڪالز کان هوشيار رهن. ترجمان چيو ته جعلي ڪالز اچڻ تي چيف اليڪشن ڪمشنر جي اسٽاف آفيسر سان لينڊ لائن رابطو ڪيو وڃي، اليڪشن ڪميشن آفيسر يا ڪنهن جي به طرفان ڪا ڪال يا پيغام ملي ته تصديق ڪئي وڃي. اليڪشن ڪميشن ترجمان چيو ته ڊي آر اوز ۽ آر اوز به اهڙي قسم جي ڪنهن ڪال يا پيغام تي عمل نه ڪن.

بقايا 23

موجب، پيٽروليم شين جي اگهن ۾ مسلسل لاٿ ڪانپوءِ هن ڀيري نگران حڪومت طرفان پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمت ۾ واڌ جو چٽو امڪان آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته نگران حڪومت طرفان 31 جنوري کان 15 فيبروريءَ تائين پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ في ليٽر ست رپيا واڌ جو امڪان آهي جڏهن ته قطعي فيصلو آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) جي تجويز کانپوءِ ڪيو ويندو. واضح رهي ته پيٽروليم شين جا اگهه آخري ڀيرو پهرين نومبر 2023ع ۾ وڌايا ويا هئا. جنهن ڪانپوءِ پيٽروليم شين جي قيمت ۾ مسلسل لاٿ ٿيندي رهي.

بقايا 24

. پوليس موجب تربت ۾ اليڪشن ڪميشن آفيس جي ٻاهران فائرنگ ۾ هڪ پوليس اهلڪار مارجي ويو پر ريجنل آفيس جي احاطي ۾ دستي بم حملي ۾ ڪوجاتي نقصان نه ٿيو پوليس ٻڌايو ته اڻڄاتل جوابدارن آفيس اندر دستي بم ڦٽو ڪيو ۽ فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا. جوابدارن جي ڳولا جاري آهي.

بقايا 25

يونيورسٽي پوائنٽ بس ۽ نواب شاهه کان مورو ويندڙ مسافرين وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ شاگرد شاگرديائين ۽ وين جي مسافرن سميت 20 کان وڌيڪ زخمي جڏهن ته هڪ عورت مسافر قرت العين فاطمه سميت ٽي چٽا فوت ٿي ويا. زخمين ۽ فوتي عورت جي لاش کي تعلقه اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. فوتي مسافرن جا لاش ۽ ڪجهه زخمين کي نواب شاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي قاضي احمد اسپتال ۾ ڊيوٽي تي مقرر ڊاڪٽر نه هجڻ ڪري زخمي اسپتال ۾ علاج لاءِ تڙپندا رهيا ڊسپينسر ۽ لوئر اسٽاف عملي زخمين کي طبي امداد ڏئي وڌيڪ علاج لاءِ پي يو ايم يو اسپتال نواب شاهه منتقل ڪيو آهي. حادثي ۾ فوت ٿيل مسافرن ۾ قرت العين فاطمه، حاجي دادن عمراڻي، صفدر شامل آهن. زخمين ۾ سهيل احمد، محمد حارس، ذاڪر حسين، لائق حسين، عبدالرشيد، صفدر علي، پرويز رياض حسين، صاحب، راحب، صدام، محبوب، سڪندر، علي گل، شير ساجد امان الله صغران خاتون سميت ٻيا شامل آهن.

بقايا 26

لطيف کوسي ۽ شهباز کوسي کي تبديل ڪري ڇڏيو اڊيالا جيل ۾ احتساب عدالت جي جج محمد بشير پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ بشري بي بي تي توشا خانا. 190 ملين پائونڊ ريفرنسز جي ٻڌڻي ڪئي. جنهن دوران عمران خان عدالت جي ڪمري ۾ ئي موجود هو عمران خان توشا خانا ڪيس ۾ پنهنجي وڪيلن لطيف کوسي ۽ شهباز کوسي کي تبديل ڪري سندن جاءِ تي سڪندر ذوالقرنين ۽ سلمان صفدر کي وڪيل مقرر ڪيو آهي. سڪندر ذوالقرنين ۽ سلمان صفدر 27 جنوري تائين وڪالت نامو جمع ڪرائڻ جي مهلت گهري جنهن تي عدالت توشا خانا ڪيس جي ٻڌڻي 27 جنوري ۽ 190 ملين پائونڊ ريفرنس جي ٻڌڻي 30 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي. عدالت ٻڌڻي بشريٰ بي بي جي غير موجودگي سبب ملتوي ڪئي ۽ ڪيس 30 جنوري تي پيش ٿيڻ جي هدايت پڻ ڪئي. ان ڪانسواءِ 190 ملين پائونڊ ريفرنس ۾ پي ٽي آءِ باني ۽ بشريٰ بي بي تي فرد جرم لاڳو نه ٿي سگهي جڏهن ته جوابدارن کي چالان جون ڪاپيون ڏنيون ويون ۽ عدالت فرد جرم لاءِ ڇهه فيبروري جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي. واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ اها خبر سامهون آئي هئي ته پي ٽي آءِ باني عمران خان توشا خانا ڪيس ۾ لطيف کوسي جي ڪارڪردگي مان مطمئن نه آهي.

بقايا 27

بلتستان ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. ملڪ جي مختلف علائقن ۾ موسم وڌيڪ ٿڌو رهڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته موسم جو تجزيو ڪندڙ جواد ميمڻ چيو آهي ته في الحال سنڌ صوبي ۾ برسات جو ڪوبه امڪان نه آهي. هوا جي رخ ۽ رفتار ۾ تبديلي سبب پنجاب ۾ ڪوهيڙي جي شدت ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي. جواد ميمڻ موجب ڪمزور مغربي هوائن جو سلسلو اڄ ملڪ جي اترين علائقن تي اثر انداز ٿي سگهي ٿو سسٽم جي اثر هيٺ ملڪ جي اترين 50 کان 60 سيڪڙو علائقن ۾ برسات جو امڪان آهي. جڏهن ته موسميات کاتي چترال، دير، سوات، ڪوهاٽ ۽ مالاڪنڊ ۾ برفباري جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. بلوچستان ۾ موسم جهڙالو رهڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. اسلام آباد ۽ ڀرپاسي ۾ ڪوهيڙو رهڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي جڏهن ته مري ۽ گليات ۾ ٿڌ جي شدت برقرار رهندي. پي ڊي ايم اي پنجاب جي مختلف علائقن ۾ برسات جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. پي ڊي ايم جي ترجمان چيو آهي ته اڄ کان 28 جنوري تائين پنجاب جي مختلف شهرن ۾ برسات جو امڪان آهي. ڊي جي خان بهاولپور، ملتان، راولپنڊي ۽ گوجرانوالا جي مختلف علائقن ۾ برسات جو امڪان آهي جڏهن ته پنجاب جا ميداني علائقا جنوري جي آخري هفتي ۾ به ڪوهيڙي هيٺ رهندا.

بقايا 28

جي جسٽس اعجاز انور ۽ جسٽس شڪيل احمد درخواست تي محفوظ فيصلو ٻڌايو. جنهن ۾ درخواست خارج ڪئي وئي. درخواست تحريڪ انصاف جي مرڪزي ترجمان معظم ٻٽ ايڊووڪيٽ داخل ڪرائي هئي. جنهن ۾ عدليا جي نگراني ۾ چونڊون ڪرائڻ جي اپيل ڪئي وئي هئي.

بقايا 29

چينل سان ڳالهيون ڪندي جاويد هاشمي چيو ته منهنجي ۽ منهنجي ناني جي گهر تي ڇاپو هڻي چا ثابت ڪرڻ چاهيو ٿا. تحريڪ انصاف جو ڪنوينشن منهنجي ناني زاهد بهار کي منعقد ڪرائڻو هو اهو پي ٽي آءِ جي صوبائي اسيمبلي جو اميدوار آهي. جاويد هاشمي چيو ته مان مسلم ليگ ۾ هئس ۽ رهندس. ڇاپي کان اڳ شايد پي ٽي آءِ ورڪرز ڪنوينشن ۾ شرڪت نه ڪريان ها پر هاڻ ضرور ويندس. تحريڪ انصاف هاڻ ان ڳالهه تي اچي وئي آهي جنهن جو مان هميشه چوندو رهيو آهيان.

بقايا 30

سياست ۽ پارٽين کان تنگ اچي چڪا آهن. پنجاب جا ماڻهو نفرت، ورهاست ۽ ڏڦيڙ جي نه تعميري سياست چاهن ٿا. ماڻهن کي الزام بازي ۽ ماضي جي سياست ۾ هاڻي ڪابه دلچسپي ناهي. عوام سنجيده سياست ۽ نئين قيادت طرف ڏسي رهيو آهي. عوامي مسئلن جو حل رڳو پ پ جي 10 نڪاتي ايجنڊا ۽ منشور ۾ آهي. جاري ڪيل بيان ۾ شيري رحمان چيو ته پنجاب خاص طور لاهور ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصفه ڀٽو زرداري جي آجيان ساراهه جوڳي آهي. سندس چوڻ هو ته لاهور هڪ ڀيرو ٻيهر لاڙڪاڻي جيان پيپلزپارٽي جو ڳڙهه بڻجي رهيو آهي. پ پ سينيٽر شيري رحمان چيو ته پنجاب جا ماڻهو روايتي سياست ۽ پارٽين کان تنگ اچي چڪا آهن. پنجاب جا ماڻهو نفرت، ورهاست ۽ ڏڦيڙ جي نه تعميري سياست چاهن ٿا. هن چيو ته ماڻهن کي الزام بازي ۽ ماضي جي سياست ۾ هاڻي ڪابه دلچسپي ناهي. عوام سنجيده سياست ۽ نئين قيادت طرف ڏسي رهيو آهي. پ پ سينيٽر شيري رحمان چيو ته عوامي مسئلن جو حل رڳو پيپلزپارٽي جي 10 نڪاتي ايجنڊا ۽ منشور ۾ آهي. ماڻهو 8 فيبروري تي واضح اڪثريت سان پ پ کي ڪامياب ڪندا.

بقايا 31

جو لطيف آباد حيدرآباد ۽ شام جو 06 وڳي بلديه چوڪ ٽنڊوآدم ۾ رٿيل چونڊ جلسن کي خطاب ڪندو جڏهن ته هو آچر ڏهاڙي ڪراچي جي باغ جناح ۾ وڏي جلسي کي پڻ خطاب ڪندو. چونڊ جلسن کي قومي توڙي صوبائي اسيمبلي جي اميدوارن کان سواءِ مرڪزي، صوبائي توڙي مقامي اڳواڻ پڻ خطاب ڪندا. هوڏانهن سراج الحق خميس جي رات اسپتال چوڪ مهران هاءِ وي مليرءِ رٿيل ترازو ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته صاف شفاف چونڊون ئي ملڪ جي معاشي ۽ سياسي بحرانن سميت سڀني مسئلن جو حل آهن جماعت اسلامي 08 فيبروري تي فري اينڊ فيئر چونڊون چاهي ٿي ان لاءِ عوامي سرگرميون شروع ڪري ڇڏيون آهن. نواز ليگ پ پ سميت سڀئي سياسي جماعتون اقتدار تائين پهچڻ لاءِ اسٽيبلشمينٽ جو سهارو وٺڻ بدران جمهوريت ۽ عوامي طاقت کي بنياد بڻائي اڳتي وڌن. سياسي جماعتن کي هٽراڌو نموني سان ختم ڪرڻ جون ڪوششون نه اڳ ۾ ڪامياب ٿي سگهيون آهن نه هاڻي ٿينديون. ڪنهن به سياسي جماعت ۽ سياسي ليڊر کي ووٽ ذريعي ئي ختم ڪري سگهجي ٿو جماعت اسلامي وٽ بهترين منشور، عوامي خدمت جون بيشمار مثالون ۽ بي داغ قيادت موجود آهي عوام هن ڀيري موقعو ڏنو ته ملڪ ۽ قوم جي تقدير حقيقي طرح سان تبديل ڪري ڏيکارينداسين حڪمران جماعتن وٽ عوام وٽ وڃڻ لاءِ ڪوبه منشور ڪونه آهي. بار بار اقتدار جا مزا وٺڻ باوجود عوام کي ڪجهه به ڊليور نه ڪرڻ وارا هاڻي ماڻهن وٽ ڪهڙي منهن سان ووٽ وٺڻ وڃي رهيا آهن. سراج الحق جماعت اسلامي جي اڳواڻن تي زور ڀريو ته هوءَ انتخابي مُهم کي تيز ۽ وڏي پئماني تي عوامي رابطي ذريعي عوام تائين اهو پيغام پهچائن ته هاڻي سڀني مسئلن جو "حل صرف جماعت اسلامي" آهي. جلسي کي ممتازحسين سهتو، حافظ نعيم الرحمان، مليرجي امير ضلع محمد اسلام پڻ خطاب ڪيو.

بقايا 32

گوهر اعجاز جي وچ ۾ ملاقات ٿي. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي ڊاڪٽر گوهر اعجاز کي گهرو وزارت جو قلمدان سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني. ملاقات ۾ ٻنهي اڳواڻن 8 فيبروري جي عام چونڊن جي تيارين جو جائزو ورتو ۽ سيڪيورٽي انتظامن کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ قدمن تي غور ڪيو. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته چونڊون پرامن ۽ شفاف طريقي سان منعقد ڪرڻ جي لاءِ حڪومت سمورا ممڪن قدم کڻي رهي آهي. سيڪيورٽي انتظامن کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ مڪمل تعاون آهي. ملاقات ۾ چونڊن دوران ميڊيا جي ذميوارين بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ٿي. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته چونڊن کي شفاف منصفاڻو بڻائڻ ۾ ميڊيا جو اهم ڪردار آهي. ميڊيا چونڊ ضابطا اخلاق تي عملدرآمد ڪري. هن چيو ته چونڊن ۾ ڪنهن به قسم جي اشتعال انگيزي ۽ پروپيگنڊه کان پاسو ڪيو وڃي. ان موقعي تي ڳالهائيندي نگران وفاقي گهرو وزير چيو ته سمورين سياسي پارٽين چونڊن ۾ امن امان کي برقرار رکڻ ۾ حڪومت جو ساٿ ڏين. هن چيو ته چونڊن دوران امن امان هر صورت ۾ برقرار رکيو ويندو. ملاقات ۾ اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي سيڪريٽري شاهيره شاهد ۽ ڊائريڪٽر جنرل ريڊيو پاڪستان سعيد احمد شيخ پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 01

تي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي عدالت پاران جوابدارن بابر ڏهر، صدام ڏهر، عارف ڏهر تي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي تنهي جوابدارن کي 2-2 سال قيد ۽ 10/10 هزار ڏنڊ جي سزا ٻڌائي جيل موڪلي ڇڏيو آهي جوابدارن تي الزام هيو ته هنن معصوم ٽينگر زبير احمد ٽنيو کي زرعي زمين تي يرغمال بڻائي زيادتي جي ڪوشش ڪري رهيا هئا ته معصوم ٽينگر جي دانهن تي پهتل سندس عزيز عبدالجبار ٽنيو تي تشدد ڪيو هيو واقعي جو ڪيس ٽرڙي محبت ٽالي ۾ ٽينگر جي والد محبت علي ٽنيو جي فرياد تي ٽن جوابدارن مٿان داخل ڪيو ويو هيو ميهڙ جي عدالت جوابدارن تي الزام ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ تنهي جوابدارن کي 2-2 سال قيد ۽ 10/10 هزار ڏنڊ جي سزا ٻڌائي جيل موڪلي ڇڏيو آهي جڏهن ته ساڳي ئي ڪيس ۾ عدالت عبدالجبار ٽنيو کي زخمي ڪرڻ واري الزم تي ٻن جوابدارن عارف ۽ بابر ڏهر کي عدالت وڌيڪ هڪ هڪ سال جي سزا ۽ 10/10 هزار ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي عدالت فيصلي ۾ لکيو آهي ته جوابدار عارف ۽ بابر ڏهر زخمي عبدالجبار ٽنيو کي ڏنڊ جي رقم ادا ڪندا رقم ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ جوابدار وڌيڪ 2 مهينا قيد ڪاٽيندا

بقايا سنڌيار 02

ڪالوني ۾ پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي نالي سان ناهي وئي آهي جتي بنيادي سهولتون تئين نهنڊڙ روڊ، نالين جو ڪم روڪيو ويو آهي ۽ بجلي جو وڏو مسئلو آهي رات جي وقت چورن ،مچرن جو تمام گهڻو مسئلو آهي، محلي واسي وڏي تڪليف ۾ آهن ان کان علاوه سئي گئس به هن محلي ۾ لڳل ناهي جنهن سبب هن محلي جي عورتن کي رڌ پچاءُ ۾ وڏي تڪليف ٿي ٿئي ،اسان محلي واسي فريال ٽالپر ۽ بلاول ڀٽو زرداري کان مطالبو ٿا ڪيون ته هڪ هفتي اندر هنن جائزي ۽ بنيادي مسئلن تي توجهه ڏين بي صورت ۾ محلي بلاول ڪالوني جي رهواسين سان گڏجي jui ڏنئون ديرو طرفان شهرجا روڊ رستا بلاڪ ڪري هڙتال ڪئي ويندي انهي موقعي تي حافظ ابوبڪر ڪوريجو به موجود هو

بقايا سنڌيار 03

عوام کي وچڙندڙ بيمارين کان بچاءَ وارن ٽڪن (EPI)لڳائڻ واري ڪم ۾ درپيش ايندڙ مشڪلاتن جو خاتمو ڪرڻ ۾ سهڪار فراهم ڪرڻ آهي. ناه تحت سرسو پاران صحت کاتي جي ٽڪن واري مهم کي خاص ڪري انهن علائقن ۾ آباد ماڻهن تائين پهچ ڏياري ويندي جيڪي ڏورانهان، درياءَ جي بندن سان لڳو لڳ ڪچي جي علائقن ۾ واقع آهن انهن علائقن ۾ سرسو ماڻهن ۾ شعور بيدار ڪرڻ ۽ ٽڪن واري مهم تي عوام جو اعتماد وڌائڻ لاءِ ڪم ڪندي. گڏيل يادداشت وارو ناهه رضاڪاراڻ خدمتن وارو قدم آهي، جنهن تحت سرسو بجيت مختص ڪرڻ يا لاڳت مقرر ڪرڻ ڪانسواءِ برابر واري پائيواري، جي بنياد تي عوامي ڀلائيءَ وارن مقصدن تحت اهو ڪم سرانجام ڏيندي. ناهه موجب سرسو اميونائيزيشن واري مهر جي ڦهلاءَ ۽ ماڻهن ۾ شعور ڦهلائڻ وارو ڪم ڪرڻ کان علاوه تربيت جو اهتمام ڪندي. مقصدن جي حاصلات بابت انگ اکر گڏ ڪندي. جڏهن ته بيمارين کان بچاءَ واري سنڌ صحت کاتي جي مهم جي سهڪاري نگراني ڪندي ۽ انهن مهمن کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ به ڪوشش ونندي. گڏيل يادداشت واري ناهه تي صحيح وقت سرسو جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سکر ڊاڪٽر وزير احمد ڦل، ڊاڪٽر محمد نديم پروجيڪٽ ڊائريڪٽراي پي آءِ سنڌ، ڊاڪٽ سهيل رضا شيخ ايڊيشنل ڊائريڪٽر اي پي آءِ سنڌ، اي پي آءِ بابت گڏيل قومن جي اداري يونيسيف جا ذميوار شنيل راجا ۽ ڊاڪٽر امجد، گڏيل قومن جي صحت بابت عالمي اداري ڊبليو ايچ او جا نمائندا ڊاڪٽر رميش ڪمار ۽ ڊاڪٽر ارسلان ميمڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 04

فقيرن کي خيلفه حافظ ذوالفقار علي اوڳاهي طاهري خطاب ڪندي چيو ته اسلام جوٿين خيلفه حضرت علي رضه جي زندگي مسلمانن لاءِ مشعل راه آهي سنڌن دين اسلام لاءِ بي پناهه قربانيون ڏنيون ۽ پنهنجي جان اولاد ۽ مال کي به جي راهه ۾ قربان ڪري ڇڏيو وڌيڪ خطاب ڪندي خيلفه صاحب فرمايو ته هلندڙ دور ۾ اگر ڪوئي حضرت علي رضه جي پيغام کي احسن طريقي سان دنيا ۾ پهچائي رهيو آ ته اهو اسانجو مرشد روحاني رهبر سجڻ سائين جن آهن پروگرام ۾ جماعت اصلاح المسلمين جي عهديداران سميت ڪافي تعداد ۾ جماعت جي فقراءُ شرڪت ڪئي آخر ۾ دعا خير گهري وئي

بقايا سنڌيار 05

واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين وحيد علي رند ۽ گلاب لنڊ چيو ته اسان جا ڪيترائي ملازم شهيد ٿي ويا آهن شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا، ان موقعي تي محمد پيو، عمران مغل، رحمان خان، فيصل جتوئي، نواز تارو ۽ بيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 06

ڪعبه حضرت امام علي عليه اسلام جي ولادت با سعادت جي خوشي ڪڍي وئي ريلي جي قيادت مرڪزي نائب امير حاجي ياسين مغل امير سنڌ فصل قادري، امير دادو محمد ڪامران ملڪ ڪئي ريلي ۾ خصوصي شرڪت عبدالڪريم ، نظام الدين، محمد اعجاز قادري، فرزند شاه، بشير احمد چانڊيو ۽ غلام رسول سولنگي ڪئي خصوصي خطاب ڪندي مرڪزي نائب امير حاجي ياسين مغل چيو ته حضوراڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جو فرمان آهي ته جنهن جو ما محمد(ص) مولا آهيان ان جو علي عليه اسلام مولا آهي. علي مولا سان محبت مؤمن جي پهچان آهي مولا علي عليه اسلام جو ذڪر ڪرڻ عبادت آهي، انجمن سرفروشان اسلام پوري دنيا ۾ اهو پيغام ڏئي رهي آهي ته پنهنجي دلن ۾ الله پاڪ جي محبت پيدا ڪيو دل جي ڌڙڪنن سان هر وقت الله پاڪ جو ذڪر ڪيو آخر ۾ وطن عزيز پاڪستان جي امن سلامتي ۽ خوشحالي ترقي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون.

بقايا سنڌيار 07

جن ڪارنر گڏجاڻيون مختلف ڳوٺن ۾ ڪيون ويون جنهن ۾ ڳوٺ لعل خان ٻاٽي حبيب ٻاٽي ڳوٺ داه محمد جسڪاڻي ۾ اميد علي جسڪاڻي ڳوٺ ٺهلرام ڪوٽ تي ڊاڪٽرسليش ڪمار ڳوٺ ڪانبو خان ٻاٽي ۾ فتح محمد ٻاٽي ۽ وڏيرو اسلم سوهو جي ڪوٽ تي ڪارنر گڏجاڻيون ڪيون مختلف برادرين ۽ معززين شخصيتن پاران مڪمل حمايت ساٿ ڏيڻ پولنگ تائين سهڪار ڪيو ويو مخدوم فخرزمان ڪارنر گڏجاڻين ۾ ڳالهائيندي چيو ته مخدوم خاندان هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي اسان ان کان پهرين به عوامي خدمت تي يقين ڪيون ٿا مونکي هتي يقين ٿي ويو آهي ته سوب اسان جي آهي

بقايا سنڌيار 08

حڪمرانن جي نااهليءَ جري ڪري ملڪ جو عوام اڄ به غربت بک بدحالي ۽ اذيت واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي پ پ پ ۽ ن ليگ اڪثر پاڻ ۾ ملي ڀڳت ڪري واري سان حڪومتون ڪري ملڪي خزاني جي ڦرلٽ ڪري عوام جو رت چوسي رهيا آهن ملڪ جي عوام لاءِ انهن کي ڪڏهن به همدردي نه رهي آهي فيصل نديم وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته اليڪشن ۾ عوام کي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي ته انهن کي سمجهڻ گهرجي ته ڪهڙو نمائندو انهن جي بنيادي مسئلن جي ترجماني ڪري سگهي ٿو ته هو انهن کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪن هن چيو ته ڪراچي جي صورتحال آهي سڀني جي سامهون آهي جيڪي به پيپلزپارٽي دعوائون پئي ڪري ته سنڌ اندر هنن صحت تعليم جون بهتر سهولتون ڏنيون آهن افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اهڙا اسڪول به آهن جتي بلڊنگ نه آهي کلي آسمان هيٺ ٻار تعليم حاصل پيا ڪن ايمبولينس نه هجڻ سبب فوت ٿيندڙن جا لاش گڏهه گاڏي ۽ چنگچي رڪشا تي ڪنيا وڃن ٿا خبر نه ٿي پوي ته پيپلز پارٽي ڪهڙي منهن سان ڪوڙيون دعوائون پئي ڪري هن چيو ته عوام سڄاڳ ٿي چڪو آهي پيپلز پارٽي جي بينل اميدوارن جي هر هنڌ هائي رستا روڪ ٿي رهي آهي ۽ عوام انهن کان سوال ڪري رهيو آهي اها تمام وڏي سڄاڳي آهي هن چيو ته عوام ليننڊ اليڪشن ۾ ووٽ ڏئي ڪامياب ڪري انهن جي معيار تي پورو لهنداسين

بقايا سنڌيار 09

اسڪول تاج محمد عباسي جو اوچتو دورو، ان موقعي تي اسڪول جو هيڊ ماسٽر تاج محمد عباسي پڻ ساٿس گڏ هو هن اسڪول جي ٻارن جا حاضري رجسٽرڊ پڻ ڪيا ۽ استادن ذان ميٽنگ پڻ ڪئي، هن اسڪول جي هيڊ ماسٽر تاج محمد عباسي ۽ سندس اسٽاف جي تعريف ڪئي ۽ شاگردن جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيو ان موقعي تي هن چيو ته تعليم ڪانسواءِ انسان اڻپورو آهي، تعليم هر گهر ۾ هجڻ گهرجي ته جيئن اسان جا ٻار پڙهي هن ملڪ جي نالي کي روشن ڪري سگهن.

بقايا سنڌيار 10

اڳ حمزا ميڊيڪل سينٽر ۾ عورت کي ڊليوري لاءِ داخل ڪيو ڊاڪٽرياڻي چيو ته هفتي کان پوءِ ٻار ٿيندو ۾ گڏريل رات ڊاڪٽرياڻي آپريشن ڪيو جنهن سبب تازو ڄاول ٻار فوت ٿي ويو ۽ عورت جي حالت پڻ خراب ٿي وئي ۽ اسان کي ڊاڪٽرياڻي پاران نواب شاه موڪليو ويو نواب شاه جي ڊاڪٽرن ٻڌايو ته عورت به ڪلاڪ اڳ فوت ٿي چڪي آهي ۽ عورت جي فوت ٿيڻ جي تصديق ٻڌايو ته ڊاڪٽرياڻي ۽ عملي جي غفلت ۽ لاپرواهي سبب اسان جي عورت ۽ ٻار فوت ٿيا آهن هنن ٻڌايو ته اسپتال ۾ 4 ڪلاڪن کان موجود آهيون ور پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽرياڻي ۽ ناهي هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو ته ڄاڻايل سينٽر مالڪ ڊاڪٽرياڻي ۽ عملي خلاف ڪاررواڻي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 11

بدين ضلع جي زميدار خاص ڪري پوڄڙ جي غريب زميدارن کي وڏو فائدو رسيو آهي ، وڌيڪ پاڻي ملڻ سان هن سال زميدارن سارين جو فصل پڻ ويڪ ايڪٽ ڪنٺي آهي جيئن سان زميدار تبڪي ۾ خوشحالي پيدا ٿي آهي ، هن چيو اسان هن سال جلدي بدين ۽ ٽنڊومحمد خان ضلعن جي ڪي جي ڪي وڏو رليف ڏيندي هڪ نئون پراجيڪٽ آڻي رهيا آهيون جيئن جو ڪم سيپٽمبر 24 ۾ شروع ٿيندوجئين سان اڪرم واه جي ٽندن ۽ پوڄڙ جي زميدارن کي فائدو ملندو ۽ اسان جي ضلعن جا پوڄڙ پڻ آباد ٿيندا ،هن وڌيڪ ٻڌايو سلطاني راه جي لائنگ جو ڪم هڪ سال کان هلندڙ آهي جيڪو هن سال تائين مڪمل ٿي ويندو ، اٿون خود پڻ پوڄڙ جو زميدار هجڻ ڪري وڌيڪ سمجهان پيو ، هن اسڪيمن جي مڪمل ٿيڻ سان هڪ ٽ ۾ پاڻي ۾ واڌ ايندي پير ت اسان جا فصل پڻ بهتر ٿيندا جيئن سان معاشي حالتون پڻ بهتر ٿينديون ،منهنجي ڪوشش هوندي ت اٿون بدين ۽ ٽنڊومحمد خان ضلعن جي پوڄڙجي غريب زميدارن کي وڌ کان وڌ رليف ڏياريان جيئن اسان جو ٽنڊو زميدار ۽ غريب هاري خوشحالي واري زندگي گذاري، هن وڌيڪ چيو ت منهنجي ڪوشش هوندي ت اٿون اريگيشن واري کاتي ۾ سڌارا آڻيان ، ۽ ملازمن جا مسئلا حل ڪريان، هن چيو ت جيڪو ب زميدار کي اريگيشن جي حوالي سان ڪاب شڪايت هجي ت اسان جي حيدرآباد ۾ آفيس ۾ اچي شڪايتون جمع ڪرائين انشاء الله سندس مسئلا حل ڪرائيندس ۽ سندن شڪايتن جو پڻ ازالو ڪندس ،اسان جي ڪوشش هوندي ت هن سال پڻ پاڻي جي صورتحال بهتر رهي جيئن اسان جو زميدار سٺي نموني سان فصل پوکي سگهي

بقايا سنڌيار 12

مئو ۽ ٻين جي حمايت ڪري ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ پ پ شهيد ڀٽو ضلعي گهوٽڪي جي چيف آرگنائيزر جلال بوزدار، اين اي 198 تي چونڊ وڙهندڙ آزاد اميدوار ميان ملوجي فرزند ميان اسلم، نثار بوزدار، سعيد احمد بوزدار، ۽ ٻين سان گڏ ميرپورماٿيلو ڊي ايچ ڪيو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پ پ سرڪار گذريل 15 سالن جي دور ۾ سنڌ ۾ تباهي برپادي، بدامني، ڪرپشن قبائلي جهيڙن، ۽ مسئلن کان سواءِ سنڌ واسين کي ڪجهه به ناهي ڏنو گذريل پندرنهن سالن ۾ سنڌ اندر بدامني ۽ لاقانونيت سبب ڪيترائي ماڻهون متاثر ٿيا آهن، سنڌ ۾ ڪرپشن جي آزار سبب ماڻهن پنهنجن ٻارن ۽ ٻچن سميت خودڪشيون ڪيون، برسات ۽ قدرتي آفتن ۾ پ پ سرڪار سنڌ واسين کي بي يارو مددگار ڇڏي ڏنو هن چيو ته ايندڙ عام چونڊن ۾ پ پ جي روايتي پوٽارن جي بجائي آزاد ۽ سنڌ دوست اميدوارن جي حمايت ڪري انهن کي چونڊڻ گهرجي ته جيئن سنڌ واسي سک جو ساهه کڻي سگهن. هنن گهوٽڪي ضلعي جي قومي تڪ اين اي 198 تي آزاد اميدوار ميان ملوجي مڪمل حمايت جو اعلان ڪندي چيو ته سموري ضلعي ۾ پ پ جي مخالف اميدوارن جي حمايت ڪئي ويندي

بقايا سنڌيار 13

